وري ورندو واءُ



ورئي ورندو وأءُ

ورڻ ورندو واءُ

(ڪهاڻيون)

غلام نبي ناشاد

سچائي اشاعت گهر، دڙو

ڇپائيندڙ	:	سچائي اشاعت گهر - دڙو
ڇپيندڙ	:	ذکي سنز پريس ڪراچي
ايڊيشن	:	پهريون، مئي 1999ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ	:	موهن لال مکواڻا
ٽائيٽل ڊزائين	:	هارون چنا

قيمت: =/60 روپيا

WARI WARANDO WAU (Short Stories) written by Ghulam Nabi Nashad, Published by Sachai Ishiat Ghar Darro, Sindh, Pakistan. First Edition May 1999. Price Per Copy Rs. 60/=

ارپڻ:

امڙ عائشه

۽

ٻاءُ غلام مرتضيٰ

جي نالي.

فهرست

شروعات ۾ ٿورا ڪريان

ماهوار رسالي ”هزارداستان“ اپريل 1991ع جي ڪهاڻي نمبر ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ست ڪهاڻيون ڇپيون هيون، اِن ۾ ڪن سينئر ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پڻ هيون، ان پرچي جون هڙئي ڪهاڻيون پڙهڻ ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو ته سڀني ۾ سٺي ڪهاڻي ”ساڪ سيري تي پئي“ هئي، جا غلام نبي ناشاد جي لکيل هئي، مونکي وڏيڪ خوشي انڪري به ٿي ته هو منهنجو ڳوٺائي آهي، بر وقت ئي سوچيم ته هو نئون ۽ نوجوان لکيڪ آهي ۽ سينئرن ۽ ناميارن لکيڪن جي ڀيٽ ۾ وقتائتي، انقلابي ۽ بهترين ڪهاڻي لکي اٿس، انڪري هن جي همت افزائي ڪرڻ کپي. مون هن کي انعام ڏيڻ جو خيال ڪيو، انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ”نجم عباسيءَ جي ادب جو گولڊن جوبلي سال 1991“ ملهايو ويو ان جشن ۾ ئي ناشاد کي مٿين ڪهاڻيءَ تي ٻه سؤ رپيا انعام ڏنم، ان خبر کي اخبارن مناسب اهميت سان شايع نه ڪيو. شايد ان ڪري جو هو سينئر يا پنهنجي نالي ٻڌ سڌ جي ذريعي سان پڙهو ڏيارينڊڙ يا ڪرسيءَ تي براجمان، اديبن مان نه هو.

غلام نبي ناشاد جي هيءَ ڪهاڻي هيٺين سين ڪري مونکي

سنڌي ۾ سٺي لکي هئي. ڪهاڻي سنڌ جي هڪ ٻرندڙ مسئلي تي ۽ مقصدي هئي. اها مختصر هوندي به مڪمل هئي، ننڍا ننڍا جملا ڪتب آندل هئا، ٻولي سادي، سلوڻي ۽ سپاويڪ هئي، لفظ بناوتي ۽ بيجا نہ هئا. پلاٽ چُٽو، ڇهندڙ ۽ اثرائتو هو، ڪردارن جي جذبن ۽ اندروني ڪيفيت به نهايت مختصر نموني چٽيل هئي، سنڌين سان ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي ٿيل هئي، گهٽ ۾ گهٽ اديبن چاليهن سالن کان رڳو ڳالهيون پئي ڪيون آهن، هاڻي هنن کي مسئلن جو حل ۽ عمل جي راهہ کان بہ واقف ڪرڻ گهرجي ۽ ناشاد جي هيءَ ڪهاڻي ان ڪسوٽيءَ مطابق هڪ عملي ڪهاڻي Action Story ۽ انقلابي ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻيءَ جي خاص خوبي اها آهي تہ ليکڪ ڇوڪرين کي ظلم ۽ زيادتيءَ تي راضي رهي، صبر ۽ ماٺ کان ڪم وٺي، رڳو گهرجي ڪنڊ ۾ ويهي، رئندي ۽ پار ڪيندي نہ ڏيکاريو آهي، پر اهڙين حالتن هيٺ هن ڇوڪرين کي سياسي طرح سرگرم، باشعور ۽ ميدان تي اچي، انقلابي عمل لاءِ قدم کڻندي ڏيکاريو آهي. ان طرح هن ان حقيقت کي اجاگر ڪيو آهي ۽ ياد ڏياريو آهي تہ مردن سان گڏ عورتن جي جاڪوڙ ۽ جانبازيءَ کانسواءِ، سنڌ جا مسئلا حل ٿي نہ سگهندا، قومي ۽ طبقاتي انقلاب اچي نہ سگهندو.

مان حقيقت کي صاف ڪرڻ واسطي وري بہ چوندس تہ سنڌيءَ ۾ اهڙين ڪهاڻين جي اڻاٺ آهي جن ۾ عورتن کي باشعور، سياسي طرح سرگرم، باعمل ۽ انقلابي بڻائڻ لاءِ لکيو ويو هجي. ناشاد جي هن ڪهاڻيءَ جي ان خوبيءَ بہ منهنجو ڌيان ڇڪايو.

مان ان ڳالهہ تي وري بہ زور ڏيندس تہ سنڌي عورتون مظلوم ۽ سنڌي سماج جو علامن جو غلام حصو آهن، تنهنڪري ڪهاڻين ۾ اهڙي ڪردار واريون عورتون پيدا ڪجن، جي سائن ٿيندڙ هر

ظلم زوري ۽ زيادتيءَ جو شينهن ٻنجي مقابلو ڪن، هرو ڀرو ڇڙٻ ڏيندڙ مرد کي ٻه اهڙي اک ڏيکارين جو هو آئيندي لاءِ ايئن تي وڃي جيئن شينهن آڏو گدڙ گهر جو سچو ڏينهن ڪم ڪندڙ زال کي، جي پيتار هن کي غلام ڪري هلائي ۽ پاڻ کي حاڪم سمجهي حڪم هلائڻ واري ذهنيت ڏيکاريندي هن کي مار ڏيڻ لڳي ته عورت ٻه هن کي هڪ ڏنڍي بدران ٻه سوٽيون وهائي ڪڍي، جيئن آئيندي هن کي اهڙي مردانگيءَ جو حوصلو نه ٿئي، زال جيڪڏهن واقعي ئي غلطي ڪري ٿي ته مڙس وڏ ۾ وڏ هن کي ڏيرج ۽ انسانيت سان ان طرف هن جو ڌيان ڇڪائي ۽ زباني طرح سمجهائي.

هاڻي ڪجهه ڪهاڻيءَ جي فن جي باري ۾ ڪهاڻي لکڻ جي فن جون ڪي گهرجون ٿينديون آهن جهڙوڪ پلاٽ، ڪردار نگاري، منظرنگاري، واقعه نگاري، گفتگو نگاري، علامه علامت نگاري، سهڻي ۽ وڻندڙ ٻولي، مرڪزي خيال، مقصد، دلچسپي، تجسس ۽ وڌيڪ ڇاڻن لاءِ هر ڪر پيدا ڪرڻ، اهو ٻهوسارڻ نه ڪپي ته هر ڪهاڻي، ڪنهن آدرش جي تلاش هوندي آهي. ضروري ناهي ته هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جون اهي سيئي گهرجون هجن. اديب جي ڪا ڪهاڻي پڙهندو ته هو چاهيندو ته اهي سڀ يا انهن مان گهٽيون گهرجون هجن ۽ تفصيل سان هجن،ان تي هو واهه واهه ڪندو آهي، پر مون ڪهاڻيءَ جي عام پڙهندڙ جي حيثيت ۾ محسوس ڪيو آهي ته پڙهندڙ ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي ۽ ڪهاڻيپڻو چاهيندو آهي، انڪري ڪهاڻيءَ جي ٻين گهرجن ۽ تقاضائن ۾ ديڪهه ۽ پٽاڙ هن کي بور ڪندا آهن ۽ انهن کي ڪهاڻي جي رفتار ۾ رڪاوٽ سمجهندو آهي، ڪهاڻيءَ جي جن تقاضائن کي هو

پسند ڪندو آهي ۽ جن ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيڪار ۽ دلچسپي پيدا ٿيندي آهي، سي آهن، پلاٽ، واقع نگاري، تجسس ۽ وڏيڪ جاڻڻ جي هر ڪر پيدا ڪرڻ ۽ ان ڪهاڻيءَ جو مقصد، پلاٽ اڻ چٽو نه هجي ۽ علامتون، اڻ ڇاتل ۽ اوپريون نه هجن.

ڏسجي ٿو ته غلام نبي ناشاد، پڙهندڙن جي پسند کي خيال ۾ رکي هي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ اجائي ڊيگهه، پتاڙ ۽ اڻ چٽائيءَ کان پاسو ڪيو آهي.

هاڻي هن ڪتاب جي ڪن ڪهاڻين تي مثاچري نظر:

وري وردو واھ: هن ڪهاڻيءَ جي عورت حوصلي واري ۽ بهادر آهي، پاڻ کي ڪمزور ويچاري سمجهڻ جي پل نه ٿي ڪري، هن ۾ خود اعتماد آهي ۽ بدنيت مرد کي سيڪت ڏيڻ يا هن جا پساهه پورا ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ پورو ويساهه رکي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ چيل آهي ته وڏيرا ۽ وردي پاتل عوام جو تحفظ ڪرڻ بدران عوام تي ظلم ڪن ٿا ۽ عورتن جون عزتون لٽين ٿا. انهن مان شرافت ۽ انسانيت جي اميد رکڻ پنهنجون عزتون لٽائڻ، پاڻ قرائڻ ۽ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻڻ برابر آهي، بگهڙ کي ڇير جي ڦاڙجي، انهي کان اڳ جو هو توهان ڪري، هن تي اعتبار نه ڪجي ۽ نه هن جي چال ۽ چتر زناني جو شڪار ٿجي ۽ نه هن جي رعب ۾ اچجي.

انصاف هتي اهڙو آ: طبقاتي سماج ۾ غريبن واسطي پوليس ايئن ٿيندي جيئن زهريلو نانگ، تنهنڪري هن سان اهڙي ڪار ڪجي جهڙي نانگ سان.

ماڙين سين نه مٽيان: هتي عورت کي همت ۽ شعور وارو ڏيکاريو ويو آهي گونگي ٻوڙي بنجي مائٽن جي مرضيءَ آڏو نه ٿي جهڪي، هوءَ غير سنڌي ۽ شاهوڪار سان شادي ڪرڻ کان انڪار

ڪري ٿي، نيٺ بغاوت ڪري ٿي ۽ سنڌي سماج پڇي وڃي شادي ڪري ٿي، پر هڪ لکپتيءَ کي ٿنڌي ٿي ڇڏي، جي هن جي ٻولي تهذيب ۽ ديس جا دشمن آهن ۽ ڪوڙ ۽ مڪاريءَ سان ڪليمن ذريعي سنڌين جون ملڪيتون ۽ جائدادون ڦٻائي، سنڌين کان سندن حق هڙپ ڪري پنهنجا ڪيسا ڀريا اٿن.

اميدن جي سهاري: هن ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ نواڻ ڪانهي، اهڙيون گهڻيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، بهتر ايئن ٿئي ها ته پيءُ کي باشعور، ريتن رسمن سان بغاوت ڪندڙ، دلير ۽ زندهه دل ڏيکارجي ها، جي ڊاڪٽر پنهنجن دوستن جي سامهون کي پيءُ نه ٿو مڃي ته ڏيکارجي ها ته اتي ئي پيءُ اٿي، پنهنجي پٽ کي گهروڙي منهن ۾ ٻجو ڏئي ها ۽ چويس ها ته ”حرامخور، پنهنجي پيءُ کي پيءُ مڃڻ لاءِ تيار نه آهين ڪنهن چوڙي يا ڪيهر جو پٽ آهين؟“ ايئن چئي، ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃي ها.

جي نڪاح مهل پيءُ کي ڊاڪٽر نظر انداز ڪيو هوءِ اسٽيج تي ادب ۽ عزت سان نه ويهاريو هو ته نڪاح شروع ٿيڻ وقت، پيءُ پاڻ وڃي اسٽيج تي پهچي ها ۽ گهوٽ ٻٽيل پٽ کي خلق سامهون ننڪ لعنت ڪري ها ۽ ڪنواريتن ڏي منهن ڪري وڏي واڪي چوي ها ”پنهنجي ڏيءُ جا دشمن آهيو ڇا جو هڙي دليل ۽ ڪميڻي سان ٿا پرڻايوس جو پ : کي مڃڻ ۾ پنهنجي بيعزتي ٿو سمجهي ۽ ماءُ کي ڪنوار جي منڊي تي هٿ رکڻ لاءِ نه آندو اٿائين. توهان به هن جهڙا بي غيرت ۽ لعنتي آهيو ۽ دولت ڏسي انڌا ٿي پيا آهيو!.

بي ڊپن ۽ باهمت ڪردارن کي ئي ڪهاڻيءَ ۾ آڻڻ کپي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پوڙهي روايتي شرافت، ڪمزوري، خاموشي ۽ بي همتيءَ جو مظاهرو، ڪهاڻيءَ کي بي معنيٰ بڻائي ٿا ڇڏين.

ميڙا هاڃا ٿين، پيرن ۽ مرشدن جا ظلم، زيادتيون، ڪلور، حرامپايون، بي ايمانيون، بدڪاريون، مڪاريون ۽ وحشيپڻو هن زماني ۾ ڪافي حد تائين وائکا ٿي پيا آهن. پر تڏهن به اڃا تائين انڌي عقيدتمندي، جهالت ۽ وهم پرستي جي ڏيڻ ۾ جاهل ۽ جهنگلي ته ڇڏيو پر ڪو ڏئل وائٺل به ڦاٿا پيا آهن ۽ پيا پنهنجي عزت ۽مان مرتبو تين وال ڪن.

اها چڱي ڳالهه آهي جو هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نوجوان ڪي بغاوت ڪندي ۽ مرشد ڪي ماريندي ڏيکاريو ويو آهي، انڪري ڪهاڻيءَ ۾ جان پئجي ويئي آهي، اجا به بهتر ٿئي ها جي حويليءَ اندر، انهن ٻن مظلوم ڇوڪرين کي ڪنهن طريقي پير کي قتل ڪندي ڏيکاريو وڃي ها.

ضرورت ان جي آهي ته ڇوڪرين ۽ عورتن جوشعور وڌايو وڃي، ڇوڪرين کي ڪمزور، بزدل، صبر ڪندڙ، مائٽن جي زيادتي ۽ ظلم ۾ به فرمانبردار رهڻ ۽ سڀ ڪجهه ماٿ ۾ سهڻ، ڏيکارڻ جي روايت اديبن کي ختم ڪرڻ گهرجي، عورت کي هر ڏاڍائي، رسمن ۽ ريتن تي قربان ٿيڻ، مائٽن جي نامناسب ۽ جا هلائٽين پابندين ۽ ڪوڙي عزت جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ بغاوت ڪري اهڙن احمق ۽ جاهل پيءُ کي، ڇوڪريءَ کي پاڻ مثال بڻجي، هنن کي سنئين ڏگ تي آڻجي، هنن جي غلط ڳالهين مڃڻ کان انڪار ڪجي.

مونکي هنن ڪهاڻين مان اندازو ٿي ويو آهي ته غلام نبي ناشاد چڱو خاصو باشعور ٿي ويو آهي، هن جي سوچ سائنسي ٿيندي وڃي ۽ هن ۾ انقلابي ليکڪ بڻجڻ جا چٽا اهڃاڻ آهن.

غلام نبي ناشاد عملي ماڻهو آهي، هو نه رڳو اديب ۽ شاعر

آهي، پر هڪ سرگرم ادبي سماجي ڪارڪن بہ آهي، هن جو ڪجهہ ادبي ۽ سماجي سرگرمين هي آهن. 1- هو سنڌي، ادبي سنگت خانواهڻ جو پايو وجهندڙن مان آهي، ان جو ڪيترائي سال سيڪريٽري سال سيڪريٽري چونڊيو رهيو آهي ۽ ادبي سنگت جي سرگرمين ۾ مکيہ حصو وٺندو رهي ٿو. 2. ساهتي لئبرري خانواهڻ جو 1984ع کان انچارج آهي، 3. "ناچني" جو جنم" ڪتاب ترتيب ڏنو اٿائين، 4. نجم عباسيءَ جي ڪتاب، "منهنجيون بهترين ڪهاڻيون" جو پبلشر آهي، 5. ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ جو جنرل سيڪريٽري آهي، 6. ناول پرين پگهہ چوڙيا، جوڙيا ترجمو ڪيو آٿائين، ريڊيو تي غزل رڪارڊ ٿيل اٿس. شهيد فهيم فاروق عباسيءَ تيوشن سينٽر جو انچارج آهي....

نجم عباسي

خانواهڻ

15 ڊسمبر 1991

پنهنجي پاران

وري ورند و واءُ، وري وسندا مينهن،
سڄڻ هلندا سڄڻين نوان لڳندا نينهن،
وڇوڙي جا ڏينهن، رهي رهندا ڪيترا.

هر تخليقار ڪي پنهنجي تخليق ڏاڍي پياري لڳندي آهي. مونکي حسين ماڻهو، سچا ماڻهون ۽ پيار ڪندڙ ماڻهون ڏاڍا وڻندا آهن ۽ مان انهن سان عشق جي انتهاين تائين پوڄيندو ۽ نڀائيندو آهيان، پل اهي رنل ڇو نہ رهن، مونکي تنهائي ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي، لباڙي ماڻهون، لباڙي اديب / شاعر کان نفرت هوندي آهي، هو موسمي گل آهن. پنهنجي ڏکن پيڙائن ۽ اندر جي جذبن کي لفظن جي صورت ۾ پنهنجي ڪهاڻين / شاعري ۾ اندر جو درد ڪڍي، اندر جو بار هلڪو ڪندو آهيان، من منهنجون ڪهاڻيون / شاعري ڪنهن راهہ رلندڙ کي سنئين راهہ ڏسين، ڪوشش ڪري مان مشاهدي طور ڪهاڻيون لکندو آهيان، ڪن ڪهاڻين ۾ مون سنڌي قوميت، روحاني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي موضوع بنايو آهي، اجائي پٽاڙ يا وڌاءُ ڪري مقصد کي بيان نہ ڪيو آهي. ڪهاڻي جي مقصديت کي محدود بنايو آهي ۽ پڙهندڙ جي دلچسپي پڙهڻ سان قائم رهي، هر لکيڪ جي لکڻ جو پنهنجو اسلوب ۽ اظهار جو طريقو هوندو آهي، منهنجي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙ کي منهنجا عڪس ورلڙا نظر ايندا، منهنجي من جو درد، پيار ۽ پڇتاءُ بہ منهنجي

ڪھاڻين ۾ شامل آھي.

مون پرائمري اسڪول جي لائبرري ۾ نئين زندگيءَ تماھي مھراڻ پڙھندو ھيس، 1973ع ۾ ملير ڊائجسٽ، ماھوار سھڻي، سوجھرو ونندو ھيس، ماھوار سوجھري ۾ ٻچن سي منجھن جي سري ھيٺ، سوالن ۽ جوابن جو سلسلو ھو، ان ۾ سوال لکي موڪليندو ھيس ۽ اھي ڇپبا بہ ھيا، شيخ اياز، امر جليل ۽ نجم عباسيءَ جا ڪتاب خريد ڪري پڙھندو ھيس.

1976ع ۾ سنڌي ادبي سنگت خانواھڻ جو بنياد وجھي، ادبي سرگرميون شروع ڪيم، پھريون ھڪ بيت لکيم.

اڄي وڪوڙي وجھہ، وجود ۾ ٻئي ٻانھون،
ٻيڇي ٻچان ڪيتريون، تنھنجون مان راھون،
ناشاد جون دانھون، ٻڌو ٻاجھارا ڪٿي.

پھرين ڪھاڻي، ڊاڪٽر نجم عباسي جي روبرو سنگت خانواھڻ جي دستوري گڏجاڻي ۾ ”ھيڏا ھاجا ٿين“ پڙھي، تنقيدي مرحلن مان نڪري، اھا، ڪھاڻي سيپٽمبر 1977ع ۾ ماھوار ”ھلچل“ ۾ ڇپي، ان ڪھاڻيءَ تي رايو ڏيندي سنڌ جي مھان ڪھاڻيڪار نجم عباسي چيو تہ ”ان ڪھاڻي جي خوبي اھا آھي تہ ان ۾ نہ رڳو پيري مريدي جي سرشتي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪردار ڪان عملي قدم ڪڻايو ويو آھي، اڄ تائين اھڙيون ڪھاڻيون ٻئي لکيون ويون آھن، جن ۾ ڪنھن سماجي برائيءَ جو احساس تي ڏياريو ويو يا ڪنھن غلط سرشتي ڪان نفرت جي ساڃھہ تي پيدا ڪئي وئي. ھاڻي اھڙيون ڪھاڻيون لکجن، جن ۾ اھو ڏيکاريو وڃي تہ اھڙي برائي يا اھڙي سرشتي کي ختم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيو وڃي، اڄ تائين واريون ڪھاڻيون سوچ پيدا ڪندڙ، شعور وڌائيندڙ

۽ احساس کي جنم ڏيندڙ هيون، هاڻي عملي ڪهاڻيون Action Stories لکجن، جن ۾ ڪردارن کي گهربل عمل ڪندي ڏيکارجي تہ جيڪي ٿيڻ گهرجي سو ٿئي پيو، اها هڪڙي قسم جي مستقبل جي جهلڪ هجي، آدرش جو اشارو هجي حقيقت سان گڏوگڏ خواب جي ملاوت هجي، اڄ تائين واريون ذهني انقلابي ڪهاڻيون آهن هاڻي عملي انقلابي ڪهاڻيون هجڻ کپن" (جيڪو ايڏو سور سهي ڪهاڻي ڪتاب ۾ ڪهاڻي "هيرين جهليو پور ۾ نجم عباسي لکيو آهي) "وري ورندو واءُ" ڪهاڻي جيڪا 15 مئي عبدرت مئگزين ۾ ڇپي، نجم عباسيءَ سکر مان 7.3.91 تي هڪ خط مون ڏانهن موڪليو تہ "هي ڪهاڻي بہ عملي ڪهاڻي آهي، ڪهاڻي پڙهي هڪدم توهان کي شابس جو خط لکڻ ويٺو آهيان، اهو طريقو جاري رکو. هر ڪهاڻيءَ جو ڪردار شينهن هجي ۽ هر ڪهاڻي آدرش (Ideal) جي تلاش، پوري اعتماد سان لکو، توهان صحيح واٽ ورتي رهيا آهيو، پر هر فنڪار کي فن کي سدائين بهتر بڻائڻ کپي" سائين نجم عباسي جي ايڏي همٿائڻ تي منهنجي دل وڌي وئي، هون بہ سئين ڪهاڻين جي تعريف هيئن بہ ڪري سگهجي، تي تہ ڪهاڻي ۾ معاشري جي ناسورن جي نشاندهي هجي، ان جو حل پڻ ٻڌائجي، ڪهاڻي وري وري پڙهڻ تي پڙهندڙ جي دل چوي، من اندر لهي وڃي ۽ زندگي ڀر ياد رهي، ان ڪهاڻيڪار جون وڌيڪ ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ اتساهہ پيدا ٿئي.

عورت جيڪا اسان جي سماجي زندگي ۾ نهايت پنتي پيل آهي، مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن جي مسئلن تي ڪافي لکيو آهي، هر سماج جي روزانہ وهنوار ۾ مرد وانگر عورت پڻ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن تي ٿيندڙ ظلم

جي نشاندهي ڪئي آهي. انهن جي جذبن ڪي جهجهوڙيو آهي، جاڳايو آهي تہ هو پاڻ ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ مردن جي ڏنل چنلجن چئلينجن سان مضبوط ارادي سان مقابلو ڪن. عورت هرحال ۾ مرد جي ساٿياڻي آهي، هر ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪهاڻين ۾ عورت جو ذڪر ضرور ڪيو آهي، عورت جي نفسيات، محبت، بهتر مستقل مزاجي، ثابت قدمي ۽ وفاداري بيان ڪئي آهي، مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ عورتن ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مان سوچيندو آهيان تہ ڇا مان پاڻ ان تي عمل ڪيو آهي، مان يا منهنجو ڪردار ان ۾ قائل تہ ناهي، مان ڪيتري انهن جي حقن جي حفاظت ڪئي يا رڳو منهنجو ڪم آهي، لکڻ عمل ڪرڻ نہ ان حالت ۾ پنهنجي روين ۾ پاڻ کي گنهگار سمجهندو آهيان.

زندگي حقيقت آهي، سنڌ حقيقت آهي هڪ ڏينهن سنڌي ٻولي ۽ قوم خود مختيار ٿيندي، هر روز اسان کي ڌرتيءَ تي نوان مسئلا، نوان ظلم ڪر کڻن ٿا / ٿيندا رهن ٿا، انهن تي لکون. انهن جي نشاندهي ڪريون، پنهنجو قومي فرض نڀايون، ٻڌي ڪريون. پئسي سان دل جو ويران اڱڻ آباد نہ ٿيندو آهي، دولت اچڻي وڃڻي شيءِ آهي، محبت سدائين قائم دائم شيءِ آهي، اچو تہ سيئي گڏجي پيار ۽ محبتون ڪيون.

ڀاڻين سمين نہ ڀنيان

”منهنجو مٿو نہ کاءُ جيڪڏهن پئي راضي آهيون، تہ وڃي شادي ڪرائينس ماڻ راضي نہ ٿيندس - نہ ٿيندس“

پرپٺ! مومل جو مختيار سان پيار آهي، اها خود چاهي ٿي تہ مان مختيار سان شادي ڪيان، تون ايترو پڙهيل آهين چو نٿو سوچين تہ اڄ زمانو ڦيو آهي. ڌارين ۾ ڀيڻ جي چوڻ ڪانسواءِ شادي ڪرائيندين“ تہ اها توکي سڄي عمر پئي پٽيندي“ ماءُ هن کي چيو ”پر امان آءُ مومل جي سٺي گهراڻي ۾ شادي ڪرائيندس، جتي کيس بنگلا ڪارون ۽ نوڪر چاڪر سڀ مهيا هوندا. مختيار غريب آهي. هو پنهنجو پيٽ ئي مس ٿوپالي. مان اُن کي پنهنجي ڀيڻ نہ ڏيندس.“

مومل رڌڻي ۾ وينٺي ڀاءُ جا اهي جملا ٻڌا، هن سوچيو هو تہ هن جو ڀاءُ هن جي خوشيءَ ۾ راضي ٿيندو، ڇو تہ آءُ پنجن ڀائرن کي هڪ ڀيڻ آهيان، پر هاڻي ڀاءُ کي دل ٻڌي ضرور چونديس، تہ منهنجو مختيار سان پيار آهي، ان سان منهنجي شادي ڪراءِ، اهو بہ چونديس تہ توکي پنهنجو پيار پيارو آهي، باقي مونکي نہ، مان بہ تہ توجهڙي انسان آهيان، جڏهن ڀائٽس ٻاهر وڃي ٿو تہ ماڻس مومل کي چوي ٿي ”ڌي تون نہ گهبراءِ مان وري بہ چونديسانس.“

مومل سڏ ڪندي ماءُ کي چيو تہ امان آءٌ ساري عمر ڪنواري رهنديس. مان مختيار ڪانسواءِ ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪنديس. اهو منهنجو آخري فيصلو آهي. باقي جتي پياءُ چاهي ٿو، اتي آءٌ بہ مرندي مري ويندس پر شادي نہ ڪنديس.“ ڌيءَ! تون مونکي پياري آهين، تنهنجي خوشي، منهنجي خوشي آهي. مان ننهن چوٽيءَ جو زور لائيندس. نيڪ آهي،“ ”امان جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو. جيڪڏهن ڏک ڏسڻا ا ٿم تہ ڏک ڏسنديس.“

ٻن ٽن ڏينهن بعد، مومل کي وجهہ ملي ٿو ويچي. گهر ۾ پاڻس ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هو، هن همت ڪري پاءُ کي چيو تہ ”ادا هڪ ڳالهہ چوان ڪاوڙ تہ نہ ڪندا.“ پاڻس کلي چيس. چو ڪاوڙ ڪندس. چريو ٿيو آهيان ڇا؟! ادا .... هو هبڪي ٿي....! ادي چئو نہ، ادا توکي امان بہ چيو هو تہ مختيار جا مائٽ بہ توهان کان منهنجو رشتو وٺڻ آيا هئا. پر تو انهن کي جواب ڏئي ڇڏيو. ادا منهنجو مختيار سان پيار آهي. مان ان سان شادي ڪنديس. جي منهنجي خوشي پياري اٿئي تہ منهنجي مرضي قبول ڪر. آئون تنهنجي مرضيءَ تي، غير سان شادي نہ ڪنديس. ائين چوندي هن، پاءُ جي پيرن تي پوتي لاهي رکي.“

ٺــڙاڪ ..... ٺــڙاڪ .....!! هـن جو پـاءُ هـن کـي لـڳاتـار چماٽون هڻندي چوي ٿو، انهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهاءِ. جيئن مان چاهيندس، ائين ٿيندو. توکي منهنجي پسند تي شادي ڪرڻي پوندي.“ هو گهر مان ٻاهر نڪري ٿو. مومل سڏڪا پي ڀاڙيا تہ، سندس سهيلي پروين اچي نڪتي.“ ادي پاٿهين ماريو اٿئي ڇا؟ آءٌ بہ ساڻس تنهنجي مٿيءَ بابت ڳالهائيندس.“ پروين کيس دلداري ڏيندي چيو.

ٻئي ڀيري پروين پائس سان ڳالهايو. "ادا اوهان ڇو نه ٿا راضي ٿيو، توکي پنهنجو پيار مٺوآهي، باقي مومل کي نه، ادا، اوهان ڏارين سان پيار ڪيو آهي، جيڪي اسان جا ڪڏهن به سڄڻ نٿا ٿي سگهن، اهو اسان کي اڃا به سڃو بنائڻ ٿا چاهين، هو اسان جي ثقافت ۽ ٻوليءَ جا ويري آهن، اوهان ڀلي اتان شادي ڪيو پر مومل جي مختيار سان شادي ڪرايو." ايتري سمجهائڻ بعد به پروين کي مايوس ٿيڻو پيو.

ان بعد مومل سوچيو ته، مختيار بنان، آءٌ اڌوري اهيان، ان سان شادي ڪنديس ته زندگي ٺهي ويندي، هن کي پوئين ملاقات وقت مختيار جا چيل لفظ ياد آيا. "مومل تون منهنجو نه رڳو پيار آهين، پر اسين پاڻ ۾ مائٽ ٿيون. ياٿهين، اسان جي شاديءَ تي هر گز راضي نه ٿيندو، تنهنڪري اسان کي ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي."

آخر هن جو پاءُ، مومل جو رشتو غيرن سان طئه ڪري ٿو، سنت مومل سوچيو. "عزت بچائڻ لاءِ، بنا دير هٿ پير هڻڻ گهرجي، ڪافي سوچڻ بعد، هن مختيار کي خط لکيو:

پيارامختيار!

سدائين گلن وانگر ڪلندو رهين، توکي ڪوسو واءُ به نه لڳي. منهنجو پاءُ نيٺ راضي نه ٿيو. هاڻي منهنجو هت رهڻ مشڪل آهي. جلدي اچ ۽ منهنجي خواهش کي تڪميل تي پهچاءِ!

ڇڱو موڪلاڻي

تنهنجي ديد جي منتظر

مومل

چوٿين ڏينهن مومل سان مختيار ڪورٽ ذريعي شادي ڪري ورتي.

مانيٽر

”شاهدان پٽ!“

جيءُ ميم،

”اڄ کانپوءِ تون ڪلاس مانيٽر آهين“،

”امينه جو آهي.......!!

”نه نه مان چوان ٿي تون آهين“

”پر ميم هوءَ مونکان هوشيار آهي“

”منهنجو حڪم آهي،“

خاموشي.

”حساب لکو؟“

”تون اسانکي حساب لکائيندئين“

”ڇو؟ مان مانيٽر آهيان؟“

سڀ هم ڪلاسي کلن ٿيون.

”ڇو ٽيون ڏند ڪڍو؟“

زول ٽيبل تي زور سان هڻي ٿي.

سڀ خاموش.

”توکي پاڻ حساب ڪونه اچن جاچيندو ڪير؟“

هوءَ شڪي ٿئي ٿي.

ميم اچي وئي،

سڀ اٿي بيهن ٿيون.
شاهدان خاموش.
”ڇو تو حساب نہ لکايا آهن؟“
”بس ميم صاحب لکايان پئي، اوهين اچي ويون،“
”ميم شاهدان جا سدائين حساب غلط ٿيندا آهن.“
شاگرديائڻين جو گڏيل پڙاڏو.
شاهدان پنهنجي سيٽ تي وينل ڪنڌ هيٺ.
ميم ان کي اٿاري ياڪر پاڻي پرچائي ٿي.
”هاڻ مون وٽ روز گهر اچجان، مان حساب سيکاريندي مانءِ!“
ڪنڌ ها ۾ لوڏي ٿي.
ميم جو گهر......
”اڄ ادا تون هن کي حساب سيکار.“
”نہ ميم اوهين مون کي حساب سيکاريو.“
”ڇو پٽ؟“
”بس...............!“
”اڄ هن وٽ سک.“
”جيءُ“! خاموشي
هو هر هر شاهدان جي منهن ڏي ڏسي ٿو.
پہ حساب غلط ٿينس ٿا.
شاهدان کي ڳلن تي هلڪيون چماٽون هڻي ٿو.
ميم چانهہ کڻي اچي ٿي.
شاهدان پاڻي پيئڻ ٻاهر وڃي ٿي.
موٽي ٿي، آواز ٻڌي ٿي.
”واه جي سهڻي جوان ڇوڪري آهي، پر ٿهي ٿي“
”آهستي آهستي ٺيڪ ٿي ويندي.“

”تنهنجي ڪري مانيٽر ڪيو اٿمانس“
هو وڏا ٽهڪ ڏئي ٿو.
۽ ميم ڪي هٿ تي تازو ملائي ويجهو ڪريٿو...!
هوءَ اندر آئي.
هو هٿ ڪڍي سڌا ٿي ويهن ٿا.
”ميم اڄ مان وڃان ٿي.“
”چانهه ته پيءُ؟“
”جي نه بس هلان ٿي“
شاهدان سوچي ٿي....!!
مان ڪلاس ۾ جڏي آهيان،
مون ڪان ڪوڙ هوشيار آهن،
مونکي اهميت ڇو؟
ها پر ڪالهه امينه چوي پئي ”چوري خيال ڪجان تون جوان آهين“
رئيس روز سندس گهر اچي ٿو.“
مون ڪي ڇا ڪندو؟ مان تڪ هٽانس،
”ميم جو اسڪول ۾ نه اچڻ
شاهدان جو ميم جي گهر وڃڻ
مرد جو درڪولڻ،
”ها ها اڄ شاهدان“
هوءَ خاموشيءَ سان ڪمري ۾ اچي ٿي،
ميم جا وار ڳهنجيل، هنڌ ڳهنجيل....
”ميم ٺيڪ ته آهيو!“
”ها ها پٽ“
”ميم هيءَ ته رئيس آهي ٻي ذات، اوهان جو ٻاءُ ڪيئن؟؟“

هوءَ مرڪي ٿي
ڳالهه متائي ٿي، ”سياڻي اسڪول ايند س“
شاهدان هُن ڪمري مان دوا ڪڻي آ“
رئيس اتي ويٺل.
هن کي هٿ وجهي ٿو.
شاهدان زور سان ڏکو ڏئيس ٿي.
ميم جي گهر مان نڪري وڃي ٿي.
هيڊ مسٽريس ڪلاس ۾ داخل ٿيئي ٿي.
سڀ اٿي بيهن ٿيون.
”بابا مانيٽر ڪير آهي؟“
سڀ خاموش....!!
شاهدان به خاموش....!!
”شاهدان.... ۾ م جو آواز،
”نه باجي مون توبهه ڪئي.“
ڇو؟“
ميم ڏي ڏسي، پر ڪنڌ هيٺ.
”ڇو؟“
”ميم جو ڪردار نيڪ ناهي، ڪالهه به هن جي گهر رئيس مونکي....!“
ها ميم رئيس ميم صاحبه سان به....!!
سڀ اٿي بيهن ٿيون.
ڇون ٿيون.
”ميم اسان کي ڇوندي آ ته اسان جي گهر اچو“
هيڊ مسٽريس ۽ ميم صاحبه جا ڪنڌ جهڪيل ڇڻ هڪ ٻئي جي سڏ هجين.

سهمي پريشان

اسان عورتن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ پنهنجي حفاظت ڪرڻ ڪيڏو نه وڏو مسئلو آهي. هر وقت مردن جي واهيات نظرن کان بچندي وڃي ٿي.

اسڪول ۾ پهچجي، ها پيڻ مينا سچ ٿي چوين، ايترو ماڊرن دور اچي ويو آهي ۽ سائنس ترقي ڪئي آهي پر اسان جي سنڌي مرد جي سوچ اڃان تائين محدود آهي، زاهده ڪلهه ته حد ٿي وئي مونکي گهران نڪرندي دير ٿي وئي، پاڙي جون سڀ ڇوڪريون هليون ويون، ڏس نه اسڪول منهنجي گهر کان ڪافي پري آهي، سو جيئن ئي سوزڪين وارو اسٽينڊ ڇڏيم ته چار ڇوڪرا جنهن ۾ اسان جي پاڙي جو سليم به هو، منهنجي پويان ايندا رهيا ۽ چوندا رهيا ته ”اسان کي ڪتاب ڏيو ڪٽائي تا هلون يا رئوهيٽ زمين تي ڳـــڪندو ٿـو هلي، ذرا مٺي ڪريو، يا اوهان اسڪول ڊريس ۾ڪيٽريون نه پياريون ٿيون لڳو. مٺا ماريا قوالي جي صورت ۾ الائي ڇاڇا چوندا رهيا، ماٺهو پيا ڏسن ته چپ ٿي پيا هلن، پيڻ اڪيلي هيس ڇاڪيان، جلدي هئي اسڪول کي ليٽ ٿي وئي هئي، مون خاموش رهڻ ئي بهتر سمجهيو، هاڻي تون ڪا صلاح ڏي ته ڇا ڪجي؟ ادي مون سان به ڪجهه ڏينهن اڳ ايئن ٿيو هو، مونکي ته

پويان هلڪڙا پتر به هٽندا آيا. هڪ ڏينهن تہ مون وارو پاءُ به ساٿن گڏ بيٺو هو. شايد هن جاپڻ پرڪارانهن جهڙا آهن. ڏس نہ ادي اسان جو ويجهو رشتو پاءُ جو آهي، انکي تہ احساس هجڻ کپي تہ منهنجي ڀيڻ پڙهي ٿي، ان کي ڪواهڙين برين نظرن سان ڏسندو هوندو، يا پيڇو ڪندو هوندو. منهنجي ڀيڻ هاڻ صلاح اها آهي تہ جيڪڏهن هاٺي تنهنجو پيڇو ڪن يا ڪا ڪريل حرڪت ڪن تہ گهروڙي بجا ڏجان، تڏهن جند ڇٽنديءَ ڏس نہ ايڪش جو ري ايڪشن نہ ڪبو تہ ڪم نہ هلندو جي اجان به توسان اهڙيون حرڪتون ۽ ڳالهيون ڪن تہ پيو سوچبو. بهرحال هاٺي چڏانهن قصن کي اوهان جي ڪلاس جي مس ڪيئن آهي، بس ادي ٺيڪ آهي، پڙهائڻ اچيس ڪو نہ مڙئي هڪ نوٽ بڪ ڪنهن جو هٿ اچي ويس تہ انمان پئي لکرائيندي آهي، مونکي تہ هاٺي پتو پيو آهي تہ مئٽرڪ تائين گهر ويٺي پڙهي ۽ پيا امتحان به ائين....

هاٺي تہ ايچ.ايس.ٽي تي آهي پر اجان پاڻ ۾ سڌارو نہ ڪري سگهي آهي پر زاهده تو واري ٽيچر سٺي آهي، اها ادي بلڪل تمام سٺي. اخلاق ۾ به پڙهائڻ ۾ به هاٺي تہ چوي ٿي تہ پنهنجي ڪلاس جو ڪنهن پئي اسڪول جي شاگردياڻين سان پڙهائي ۾ ذهني ۽ لکت ۾ جٽا بيٺي جو مقابلو ڪرائيندس هونئن به هوءَ اسان کي دنيا جي مختلف ملڪن جي رسم رواج سڪن حڪومتن بابت ليڪچر ڏئي جاڻ پئي ڏيندي آهي ۽ ملڪن جي عورتن جي تعليمي، سماجي ڪارنامن، ۽ ٻين پهلوئن تي مثال ڏيندي آهي ۽ اسان کي چوندي آهي تہ توهان به اگر انهن ڳالهين تي عمل ڪريو تہ توهان

بہ هن جيان ترقي جون منزلون ماڻي سگهو تيون هاڻي ڪچهريون ڪوڙ ٿيون صپاڻي گڏ. زاهده مينا کي پنهنجي در تائين ڇڏي واپس آئي، مينا سوچيو.تہ هاڻي مان ڇا ڪريان منهنجو پاءُ بہ اجان ننڍو آهي بابو بہ مزوري تي نڪري ٿو وڃي اگر اجان بہ اهي ڇوڪرا حرڪتون ڪندا رهيا يا بابا ڏسي ورتو تہ پڙهڻ ڪان گهر وهاري ڇڏيندو، هونئن بہ اسان سنڌي عورتن کي پڙهائڻ لاءِ والدين کي جاهلن پاران ڪيترن ئي لقبن ۽ غلط ڳالهين کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. ٻئي ڏهاڙي وري بہ ڇوڪرا هڪ سليم ۽ ٻئي مينا جو پيڇو ڪيو، مينا کي انهن چيو، اسان جي خوابن جي شهزادي اسان جي دعوت ڪائو ۽ ڳائيندا رهيا، هن سان گڏ پاڙي جي هڪ ڇوڪري بہ هئي، منهن پويان ڪري ڪين چيائين، بي حياءَ، بي شرم توهان کی شرم نٿو اچي ۽پوءِ هو ڪافي ڏينهن ڪان هن جو پيڇو ڪرڻ ڇڏي ويا.

هڪ ڏينهن گرميءَ جي موسم ۾ مينا پنهنجي گهر ۾ اڪيلي ستي پئي هئي پاڙي وارو سليم هن جي گهر هليو آيو ۽ مينا کي ڪٽ تي ستل ڏسي چمي ڏنائين، مينا سجاڳ ٿي ۽ هن کي ڳلي مان ورتائين مگر سليم هن جي ٻانهن مروٽڻ لڳو، هوءَ ڪيس گار گندڏيندي رهي، سليم هن کي ڪٽ ڏانهن اڇليو، مينا رڙ ڪئي پر هن سندس وات تي زور سان هٿ رکيو مينا اٿڻ جي ڏاڍي ڪوش ڪئي مگر هوءَ هن جي سخت گرفت ۾ اچي وئي هئي، هوءَاحتجاج ڪندي رهي ۽ سليم هن کي بدنام ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو ۽ آخرڪار مينا تي سليم مڪمل طرح قابض ٿي ويو ۽ مينا، جو سڀ ڪجهہ ختم ڪري ڇڏيائين، ان واقعي ڪان پوءِ مينا کي

اندر ۾ انتقام جي باهہ دکندي رهي هن سوچيو تہ عورت جي عزت ئي تہ سڀ ڪي آهي، امان ڪي چوندس تہ ڪاوڙ جي پوندي ۽ وڏو ممڻ مچي ويندو، مان همت ڇو هاريان مان پڙهيل لکيل عورت آهيان، |گر مان بہ هن سماج ڪان ڊڄندس تہ ٻين عورتن جيان اڳتي وڌي نہ سگهندس، پوءِ هن هڪ ترڪيب سوچي، تورن ڏينهن ڪان پوءِ سليم ڏي هن هڪ خط لکيو تہ منهنجي گهر جا سڀ ڀاتي تورڻ ڏينهن لاءِ ٻاهر ويندا. تون منهنجي گهر اچجان، پيارا سليم تون مون سان هڪ ڀيرو ملي ويو آهين پر دل توسان اچان پيار ڪرڻ تي چاهي سياڻي،صبح جو منهنجي گهر اچجان ۽ خط پاڻ سان ضرور ڪٺي اچجان.

مقرر وقت تي سليم هن جي گهر آيو ۽ ان ڪان لکيل پنهنجو خط وٺي ڦاڙي ڇڏيائين. مينا هن جي سٺي آڌر ڀاءُ ڪئي هن جي پير سان تي ويٺي، سليم هن جي ويجهو ٿيڻ لڳو ۽مينا سليم کي ڪيل زيادتين جو پلاند ڪرڻ لاءِ سهٽي نموني رٿ کي عمل ۾ آندو پهريائين ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو، مينا سليم ڪان اهڙو انتقام ورتو جو هو ايندڙ نسل کي جنم نہ ڏئي سگهي ۽ هميشہ خوار خراب رهي.

ساڪ سيڙي ٿي پيئي

"او اب منهنجي اکين جو تون نور هئين، منهنجو چت تون هئين. منهنجي دنيا برباد ٿي وئي. مون سان ڪاري واري ٿي وئي. و خدا منهنجو هڪڙو ڪل به ڇني ورتئي." نياس جي هٿن ۽ پيرن کي ميندي لاٿي وئي. چوڦرف روج راڙو هيو. پارتا هيا. وڏي پيڻ بيهوش ٿي ويس. هو هن گهر جو سنڀاليندڙ هيو. پندرهن سالن جو هيو ته سندس پيءُ گذاري ويو هو. هن جي وڏي ڀيڻ سوڊيءَ پرت پريندي هئي. ٻهران. اڪث. رنيون ۽ ٽوپيون ٺاهي وڪڻندي هئي. ٻه ننڍيون ڀينر هيس. الياس حيدرآباد جي ڪنهن مل ۾ مزدوري ڪندو هو. مهيني ڏيڍ ۾ چي ماءُ کي پئسا ڏيندو هو. هن جي شادي جي تياري هئي.

تر جي سياسي ماڻهن جا جٿا نياس جي عذر خواهي لاءِ ايند رهيا. ان ڏينهن شام جو هڪ عورتن جو جٿو به عذر خواهي ڪرڻ آيو. ان ويل سوڊي ڏاڍي رني ۽ چوندي رهي. "هي اسان جو اڪيلو پاءُ هو. مزدوري ڪندو هو. ڪيس ڪنهن کان به نفرت ڪونه هئي. هو غريب ماڻهو هو. مزدوري ڪري روزي ڪمائيندو هو هن کي ڪنهن به زبان. ڪنهن به مذهب. ڪنهن به ماڻهو کان نفرت ۽ ڪينو ڪينهو. بوءِ ديون پڌايو ته نياس کي چو شهيد ڪيو ويو. منهنجو ڪيو ٻاءِ ائين بيدرديءَ سان ماريو ويو. چو؟"

انهيءَ جٽي جي ڳوڻ سوڊي کي ٿت ڏني. "تون نه ڪهبر ۽ بون جو زنده هين. تنهنجو ڀا. منهنجو ڀا هي. سان نهيءَ جو ..ند

ونديون ٿيون. " ان ويل سوڍي اٿي زوردار ڪري چوڻ لڳي " مان لباس
تنهنجي خون جو قسم ٿي کڻان تہ تنهنجو پلاند ڪنديس."

سڀني جون نظرون سوڍيءَ ڏي کڄي وڃن ٿيون. سڀ اوڙي پاڙي
جون عورتون خاموش ٿي سوڍيءَ کي ڏسنديون رهن ٿيون. جنهن کي
متي ۾ ڏوڙ پيل آهي. وار وکريل آهن.

زهران جتي جي اڱڻ. هن وٽ ڪڏهن ايندي رهندي
هئي. سوڍي کي عورتن جي جدوجهد ۽ حق وٺڻ. پنهنجي ٻولي. عزت ۽
قومي جيابي لاءِ طرحين طرحين جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. سوڍي بہ
زهران سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندي رهي. هن جي ڪڏجاتين
جلسن. جلوسن ۾ ايندي رهي ۽ حصو وٺندي رهي.

هڪ ڏينهن سوڍيءَ جي هٿ جي ڀرت شين جي نمائش ڪراچي
۾ ڪئي وئي. ان ۾ ڀرت ڀريل مختلف نمونن جا پهراڻ. ٽوپيون. رليون
اڪٽ. مٿين جون ٿيهل منديون. سنڌ جو نقشو ۽ پنهنجي عورتن جي
ايسوسيئيشن جو مونو گرام نهايت سٺي نموني سينگاري رکيو ويو.
هن جي فن کي خوب ساراهيو ويو. ان جو افتتاح زهران ڪيو. سڄي
گهر جو ڪاروبار پاڻ هلائڻ لڳي. ٻن ننڍين ڀينرن کي پڙهائيندي رهي
۽ پاڻ بہ پاڙي جي ڇوڪرين جي مدد سان پڙهڻ ۽ لکڻ جي لائق ٿي
وئي هئي.

پنهنجي ڳوٺ جي عورتن ۾ زبردست سجاڳي آندائين. انهن جي
ذهن ۾ انقلاب جو روح ڦوڪڻ لاءِ مختلف اديبائين. دانشورن ۽ عورتن
جي نمائندگي ڪندڙ ايسوسيئيشن جي سرپرستن کي گهرائي ليڪچر
ڪرايائين. سٺا ڪتاب پڙهائيندي رهي ۽ ايسوسيئيشن جو ميمبر
ڪندي رهي. ننڍڙا پستول. بندوق هلائڻ بابت سکيا ڏيندي رهي ۽ اهي
عورتون تيار ٿي ويون. هي بہ جدوجهد ۾ اڳڀريون ٿي ويون. مختلف
ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سجاڳي اڻڻ لاءِ جتن ڪنديون رهيون. سوڍيءَ کي
عورتن جي ايسوسيئيشن جو نائب صدر ڪيو ويو ۽ سرپرست زهران

هئي

سوڍي جي ماءُ ڏيءَ جي اهڙي روش تي مطمئن هئي. سوڍي جون پينر به هاڻ نوڪري ڪرڻ جي لائق ٿي ويون. اڄ به سوڍيءَ جي ماءُ پنهنجي پٽ اليأس جي تصوير کي ڏسي روئي پئي هئي.

سوڍي وڏي سهر ۾ ڪڏجاتي تي وبئي هئي. ڪيس جڏهن اتي نها خبر پئي ته هن جو باءُ ۽ به عورتون دشمن شهيد ڪري وڌيون اهن ته هن جي جسم ۾ انتقام جي باهه پڙڪو ڪاڏو ۽ پنهنجي دشمن جي پري ۾ ڪلاشنڪوف هلائي ڏهه مرد ۽ ڪافي عورتون ماري وڌيون. سوڍيءَ زهران جي جتي تي پوليس گهيرو ڪري وئي. هڪ پوليس افيسر سوڍي کي سنڌي ٻولي ۾ چيو. "هٿيار ڦٽا ڪريو." سوڍي ان تي ڪلاشنڪوف سٽي ڪئي. پر الائي ڇو جلدي ڇٽني عورتن جا هٿيار اپنا ٿي ويا ۽ فتح جو نشان ناهي گرفتاري پيش ڪيائون. پوليس افيسر ۽ ٻين پوليس وارن جون نظرون جهڪيل هيون.○

لکيو لوھہ قلم ۾

اڄ سڪينا، زليخا جي هنج ۾ سڏڪا ڀري خوب رنو هو. ندر جي آنڌ مانڌ ۽ سورن کي ڪوڙهن جي صورت ۾ ڀربور ڪيو هو. زليخا جيڪا عورتن جي سماجي تنظيمن جي سرپرست هئي. ڪيس انت ڏئي چئي رهي هئي، "اهو ڏينهن پري نہ آهي جو نهن وحشين ظالمن کان انتقام وٺنديون ۽ هو توکان معافي وٺندا."

سڪينا جيڪا پنهنجي پيءُ ماءُ جي سڪيلڌي ڌيءُ هئي. ماءُ تہ سندس ننڍي هوندي کان مري وئي هئي. پيءُ ئانڪو هلائي گهر جون ضرورتون پوريون ڪندو هو. آخرڪار جواني بہ پويان پير ڪيا ۽ ڪيس ٽي بي جهڙي موذي مرض ٽانگو هلائڻ کان روڪي رکيو. سڪينا ويجهن مائٽن وٽ وئي، پر انهن بہ عارضي مدد ڪئي. پاڙو خرچ ڪري ڪيس ٽي بي اسپتال ڪوٺڙي ڪٽائي وئي. پر اتان جا ڊاڪٽر نوجوان عورت کي ڏسي سڪينا جي تاڙ ۾ هوندا هيا. تہ ڪيئن بہ ڪري هن کي ڦاسايون. اهو ڪردار اسپتال جا پٽيوالا ۽ نرسون ڪنديون هيون. نرسون ڀريان پاڻ ڊاڪٽرن کي خوش ڪنديون آهن.

هڪ رات جو سندس پيءُ کي ڏاڍي تڪليف ٿي تہ نرس کي ٻڌائڻ وئي. نرس تہ اهڙا وجهہ پئي ڪولي تہ ڊاڪٽر کي ڦاسائي ڏين. مون کي ڊاڪٽر آفرين ڏيندو. هوءَ ڊاڪٽر وٽ سڪينا کي وٺي آئي. سا اهو چئي وٺي تہ "دوا اسٽور مان ڪٽي ٿي حـ ... ... سي

ته نڪري وئي. سڪينه به هن جي پويان درو زي تائين بهتي. جو ته ڊ ڪرڻ جون نظرون ته ڪ م تي ڏسبو وبني هئي. ڊاڪٽر سڪينه جي نرم لفظن ۾ ويهڻ جو اشارو ڪيو. ته نرس اچي تي ۽ هو سرڪي اچي هن جي ڀر ۾ تي ويٺو ۽ سانس هيٺيون مٿيون ڪالهيون ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ سڪينه جي ويجهو ٿيندو ويو ۽ هن ڊاڪٽر کان سرڪي تڪڙ ۾ اٿي ٻيهي ٻاهر نڪري وڃڻ جي ڪيائين ته ڊاڪٽر ڪيس ٻانهن کان وٺي زور سان ٻاڻ ڏانهن ڇڪڻ چاهيو. پر هوءَ هيٺ ڪري پئي ۽ اتي جذبات ۾ اچي ڊاڪٽر کي چيائين. "هي اهي توهان جو ڏنڌو غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جو علاج ڪرڻ. توکي شرم نه ٿو اچي. جو ائين هٿ ٿو وجهين. تون به چوندو هوندين ته مان سنڌي آفيسر آهيان. عزت دار هيان. مونکي ٻهراڙيءَ جي عورت ڏسي ائين ٿو ڪرين؟" ائين چئي ڪيس. ڪهروڙي ٻجو ڏنائين ۽ نرس جي اچڻ تائين به نه ترسي ۽ دوا پڻ ڪونه ورتائين ۽ جلديءَ ۾ در ڪولي ٻاهر نڪري وئي ۽ جڏهن پيءُ جي ويجهو ائي ته هو آرام ۾ هو. پئي ڏينهن مهيني جي دوا وٺي ڳوٺ موٽي آئي.

سڪينا پيءُ کي چيو. "بابا هاڻي مان ڇا ڪريان ڪتان گهر جون ضرورتون پوريون ڪيان؟" هن سڪينا کي چيو ته "ڏيءُ هتي ٻاڙي ۾ مسجد جو پيش امام قاضي اميد علي اٿئي. اتي وڃي هن سان حال ور. جو ته هو سان جهڙن غريبن ۽ مسڪينن جي وات خدا جي مدد ڪندو آهي." هوءَ ان قاضيءَ وٽ. وئي هن ان کي سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ هن سڪينه کي چيو ته "منهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪر ۽ هندن تون به ڪائج ۽ پيءُ لاءِ ڪني به وجج ۽ مان توکي هر ماهه ڪجهه معاوضو به ڏيندس."

ڪجهه ڏينهن قاضي اميد علي سڪينا سان سٺو ورتاءُ ڪيو. هن سڀ سعمت ۽ ٻاجهه سان پيش ايندو رهيو. سڪينا به ڏاڍو خوش هئي ته هاڻي سان جو وقت سٺو پيو گذري. پر هڪ مهيني کان پوءِ جڏهن

قاضيءَ اميد علي جا پار مائٽن جي شاديءَ تي وڃڻ هيا. سڪينه روز ونڪر کهر جي ڪم ڪار ۾ رڌل هئي ته اميد عليءَ هن کي سڏ ڪري چيو "هل هلي اندر ڪچهري ڪريون.."

"سائين! مون سان کهڙي ڪچهري ڪندا. ڪم هجي ته ٻڌايو. بابا بيمار آهي مان ان ڏانهن جلد وينديس."

"ڪم اهو آهي." هزار روپيا هن ڏي وڌائيندي هن چيو ."هي تنهنجي پيءُ لاءِ آهن. باقي هل ته توکي اندر ڪمري ۾ پيا به کوڙ ڏوکڙ ڏيان." ان وقت قاضي اميد علي سڪينا کي خدا ترس نه پر هڪ وحشي ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو ۽ هن چيو.

"ڪمري ۾ ڇو هلان؟" ۽ ڪاوڙ ۾ هزار روپيا ڪيس ۾وٽ ۾ هنيائين ته هڪ هزار جو نوٽ سندس ڏاڙهيءَ ۾ چنبڙي پيو. "تون ته مسجد ۾ ڪاڪڙو ڦاڙي ماڻهن کي خدا جي ڏاڍ، ظلم ۽ قهر کان ڊڄڻ جون تقريرون ڪندو آهين. ڪنهن ڏي ٻري نظر سان نه ڏسو. ڪنهن جو حق نه ڦٻايو ۽ اهڙيون ٻيون کوڙ ڳالهيون ڪندو آهين. هاڻي ڇو اها زبان نٽي هلئي. مونکي اڪيلو ڏسي ايئن نه سمجهه ته مان مجبور عورت تنهنجي خواهش پوري ڪنديس. تون مونکي ان ڪري ڪم لاءِ رکيو هو؟" اهو چئي هوءَ روئڻ شروع ڪري ٿي.

"لاحول ولا ......!! نه نه سڪينا تون ناراض نه ٿي. مان ته صرف مذاق پئي ڪئي" اهو چئي هو ڏاڙهي تي هٿ رکي هيٺ ڪنڌ ڪري هليو ويو ۽ پئي ڏينهن قاضي اميد علي ڪم کان جواب ڏياري موڪليس. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ سندس پيءُ به گذاري ويو.

ٻاڙي وارن ٿورن ڏينهن لاءِ سڪينا جي مدد ڪئي. پر ڪيترا ڏينهن هو مدد ڪن ها. هوءَ پاڙي جي سيدن وٽ وئي ۽ انهن وٽ به ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ڊاڪٽر ۽ ملئين وارين نظرون ڏسڻ ۾ ايس. پوءِ هوءَ هڪ ماستر وٽ ويئي جيڪو هن جي پاڙي ۾ رهندو هو ۽ هن کي تنهنجي مدد لاءِ سموري ڳالهه ٻڌايائين. هن چيس ته "ڌيءُ! مان خود

پنهنجي ٻچن ٻائن ۾ ٻورو هين. باقي من هڪ تنهنجي مدد ڪندس جو شهر ۾ هڪ فلاح ء بهبود جو ادارو آهي تنهيء جي سرپرست منهنجي شاگردياڻي زليخا آهي. ان وٽ توکي ڇڏي ايندس اهو توکي ڪنهن ڪم سان لڳائي ڇڏيندي."

۽ زليخا به پرت پرن لاء هن کي هڪ استاديائي وٽ ڇڏيو. ڪجهه مهينن کانپوء سڪينا پرت پرن جي مڃيل ڪاريگر ٿي وئي ۽ هن جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي.

اڄ سڪينا، زليخا جي هنج ۾ خوب رنو هو. اندر جي آنڌ مانڌ ۽ سورن کي ڳوڙهن جي صورت ۾ ڀرپور ڪڍيو هو. زليخا جيڪا عورتن جي سماجي تنظيمن جي سرپرست بڻ آهي. هن کي آٿت ڏئي چئي رهي هئي، "اهو ڏينهن پري ناهي جو انهن وحشين ظالمن کان انتقام وٺنديون ۽ هو توکان معافي وٺندا."

اڄ هوء قاضي اميد علي جي ننهن آهي ۽ قاضي اميد علي هن کي گهر ۾ ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري پيو هلندو آهي.○

ميڏا ماڃا ٿين

برسات جي تيزي سان گڏ، ساجن جو ذهن به تيز ٿيندو ٿي ويو. هو پنهنجي ڪوٺيءَ ۾، تنها ويٺو هو. هن جي هٿن ۾ خط هو، هن جون اکيون خط ۾ ۽ ذهن....! برسات هن جي جوش کي ٿڌو نٿي ڪري ۽ خط پڙهي ٿو.

"منهنجا پيارا ساٿي ساجن!

سدائين کلندو رهين، شاد و آباد هجين.

پيارا! توکان جدا ٿئي پورا ٻه سال ٿيا آهن. پاڻ جيڪي وعدا ڪيا هئاسين، اهي ظالم زماني پورا ڪرڻ نه ڏنا. تون منهنجو رت، دل جو سائين، پياري ساٿي سان گڏ سؤٽ ۽ نڪاح ٻڌو مڙس آهين، تون منهنجو پيار آهين. مان سمجهان ٿي ته توکي به مون تي يقين هوندو. چو جو مان بي وس هيس. منهنجي پيءُ پڻ! جنهن ڏينهن اسان ٻنهي کي بابا مرشد ڏانهن وٺي ويو هو. بابا چيو هو، "تعويذ سڳو وٺي اچوس!" توکي ته اها ڄاڻ آهي ته جيڪا ڪنوار ٻڌجندي آهي. سا شادي کان اڳ ۾ تعويذ لڪرائي ڪچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيندي آهي، جيئن اها مڙس سان محبت ۽ پيار سان هلي. اسين ٻئي پينر اُٿي پير جي حويلي ۾ ويونسين.

بابا کي پير موٽائي ڇڏيو ۽ ان رات مان اڌ رات تائين ۽ اڌ رات ڪانپوءِ منهنجي نندي پيءُ پير صاحب جي سيج جو سينگار بڻيون سين. پيارا اتي اڪثريت نوجوان سهڻين ڇوڪرين جي آهي. ڪافي بنا نڪاح

جي وٺن ھن. سڀ ماڻس ڪاڻ روئنديون آھن. جو سي ھي مجبور آھن اسان پنھي پيئرن سان ن پير ٻنان نڪاح جي ڳالھ ڳالھ ڪني ھي.

پيارا! ھت ھڪ رسم نرالي آھي. پيءُ به اتي. ٻٽ به تي. پاءُ به تي. ڪنھن مھل نندو پاءُ پيو جي. ڪنھن مھل پاٽيو پيو اچي. ھڪ ڏينھن اسان پنھي پيئرن ڪيس اپلاز ڪيا. "تون اسان جو مرشد آھين. اسان تي رحم ڪر. اسان غريب آھيون. اسان کي ھن قران جي مھابي ڇڏ. اسان پنھي جو نڪاح ٽيڙ آھي. منھنجو منھنجي سوٽ سان. منھنجي ڀيڻ جو منھنجي ماسات سان ٽيل آھي. اسان ٻئي ھن جي پيرن مرڪري پيون سين ۽ روئنديون رھيون سين. پير صاحب کي ڪاوڙ اچي ويئي. نيٺ ڪني ڏاڍي مار ڏنائين. پيارا اسان کي نيٺ جي لڪڻ سان ماريو ويو. اسان کي چيائين ته "جڪڏھن وري ڪستاخي ڪندؤ ته اڦت ماري ڇڏيندو سانو" اسان ڪيس چيو ته اھو سنو ٿيندو سي ماري ڇڏيو اھڙو ڪلور جو ٿا ڪريو؟ پيارا مونکي پٽ جاتو آھي. الاتي ڪمن مان. منھنجي ڀيڻ کي پنجون مھينو پيٽ آھي. الائي ڪنھن مان؟. الائجي ان پير صاحب مان. الائي ان جي پٽن ۽ پائرن مان. مون کي ھر وقت تون ياد آھين. خدارا مان بي قصور آھيان. پيارا ھان بيمار آھيان. ڪٽ تي پئي آھيان منھنجي ڀيڻ منھنجي خدمت ڪندي آھي. پيو ڪوبه نه ليڪندو آھي. نه دوا. نه رک ڪرڻ وارو ڪاڏو ملندو آھي. دل ۾ ھڪ اس آھي. ته توکي ھڪ وار ڏسان ۽ ملان. اڄ ماسات ٻن سائن ڪانپوءِ ھت آئي آھي. ھن کان اڳ ۾ ڪو به نه آيو. جو ته انھن کي اندر اچڻ کان روڪيو ويندو ھو. اڄ ھن کان تنھنجا حال احوال ورتم ۽ اڄ ڏاڍي خوش تي آھيان. ھن کان امان ۽ بابي جا احوال به ورتم.

"پيارا! توکي مونکي خدا الائي. ڪڏھن ملائيندو. ھيءُ دولاب جون ديوارون ڪڏھن ڪرنديون. منھنجا سڪ مان سلام قبول ڪجنءِ منھنجي ڀيڻ جا ٻن. جڏھن خط لکين ته ماسات کي ڏجان.

تنھنجي ٻنھجي سورن جي ستايل.

"ستابي".

سيني تي خط رکي کيون بوري جديائين. تيز برسات جي وجهہ
بہ هن جو جوش ٿڌو نہ ڪيو. هو ماضيءَ جي موجن ۾ گم ٿي وڃي
ٿو.

جڏهن ساجن ۽ ستابي گڏ اسڪول ويندا هئا ۽ موٽي بہ گڏ ايند
هئا. ستابي ٽي درجا پڙهي گهر ويهي رهي. ساجن مئٽرڪ پاس ڪئي.
ماستريءَ جي ڪورس ڪرڻ کانپوءِ هن کي ماستريءَ جي نوڪري ملي
وئي. هن جو ستابيءَ سان ننڍي هوندي کان نڪاح ٿيل هو.

هيءَ نوڪريءَ تي هو. جڏهن ڪوٽ ايو تہ هن کي خبر پئي تہ
ستابيءَ ۽ سندس ڀين کي سندن مرشد حويليءَ ۾ جهلي ڇڏيو آهي.
ستابيءَ جو پيءُ مرشد وٽ قرآن کڻي ويو هو. پير کيس موٽائي ڇڏيو ۽
چيائينس "ابا هي ڇوڪريون سهڻيون آهن. توهان جا ڪکاوان گهر
آهن اتي ڪين ٽيون نہ هن. هي اسان جي حويليءَ ۾ رکڻ جهڙيون آهن."
ساجن کي ڌڪ ڏاڍو ٿيو. ڇو جو هن جي شادي جي تياري هئي ۽ ڪنوار
جا ڪپڙا بہ وٺي آيو هو. هٿن جو مرشد رهائي وارو هو: هن کي پوليس
يا راڄ جي مدد سان راضي ڪرڻ مشڪل هو.

هن جي دل ۾ انتقام جي باهہ ڀڙڪو کائي اٿي. خط کيسي ۾
وجهي. ريوالور کڻي ان پير جي بنگلي تي وڃي ٿو. پير ڪرسيءَ تي
وينو آهي ۽ بيا مريد تعويذ سڳڻ وارا هيٺ پٽ تي وينا آهن. هن هٿ
ٻڌي سلام ڪرڻ بدران. ريوالور وارو هٿ مٿي ڪري پير تي فائر
ڪيو. ورهين جي ستايل ساجن جو نشانو ڀڪو نڪتو. پير رڙ ڪري
ڪرسي تي ڍهي پيو ۽ مريدن ائين ڀاڄ ڪاڏي جڻ هو بہ پير سان سندس
ڏوهن ۾ ڏوهي هئا.●

وري ورندو واءُ

"**بابا** مونکي خاکي کپڙن وارو ٿو چوي. تہ ننکو هلاء تہ مان وهنجان". پوڙهو پيءُ دم جو مريض نوجوان ڌي جا لفظ ٻڌي ڳاڙهو ٿي وجي ٿو.

کو وقت هوندو هو. جو هو شينهن مڙس هو. سچي تر ۾ سندس وڏي هاڪ هوندي هئي ۽ تر جا وڏيرا ڪانئس ڏاڍا ڪنبدا هئا. غريبن جو هڏ ڏوکي مددگار هوندو هو ۽ تر جا غريب هاري مزدور ڪانئس ڏکي وقت ۾ مدد گهرندا هئا ۽ هو دل کولي انهن جي مدد ڪندو هو، غريب تہ هن کي پائيندا هئا. پر وڏيرا ڪيس نہ سهندا هئا. ٿورو عرصو جيل کان ٻاهر هوندو هو تہ وڏيرا ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيندا هئا. هو جيل ۾ هو تہ سندس نوجوان پٽ وڏيرن مارائي ڇڏيو. پٽ جي پلاند لاءِ دل ڏاڍي ستائيندي هيس. پر سڀ ڏي سمجهي خاموش ٿي ويندوهو ءهاڻ تہ پوڙهو بہ ٿي ويو هو ۽ دم بہ هيس.

"هتان لڏي وڃو ۽ اسين اوهان جا گهر خالي ڏسون. اوهان ڏاڙيلن کي پناهہ ٿا ڏيو. سپاڻي جي گهر خالي نہ ڪيو تہ سامان ٻاهر چلي ڏيندا سون ۽ اوهان کي ڏکا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا سون."

هي لفظ ان سماج سڌارک مانهو جا هئا. جيڪي وڏيرن ۽ ظالمن جي پٺ پرائي. غريبن ۽ ابوجهن تي ظلم پيا ڪندا اهن. انهن کي طرح طرح جون جاني. مالي ۽ ذهني اذيتون پيا ڏيند، اهن. بنا قانون سالن

جا سال جيئن م ٻيا سڙ۔ اهن. پهنس کي کنهن ڏينس ٻڌيو هو ته "بابا مامن جن جي ڪهڙن ڪي نهن (خاڪي ڪپڙن وارن) ٻاهيون ڏنيون اهن ۽ مامن جي ڏي کي پان سان ڪڏ وني ويا ٻي رات رهائي ڪيس واپس ڪري ويا اهن. ٻڌو اٿم ته بيمار ٿي پئي آهي. بابا هو اسان کي هتان لڏائڻ چو ٿا چاهن. هي ته اسانجا پنهنجا ابن ڏاڏن کان وني ڪهر اهن. بابا جن ڏاڙيلن جو ڏوهه آهي. انهن کي چو نٿا لڏرائين. انهن کي ڪجهه چو نٿا چون؟ پر اسان کي تنگ ڪندا رهن ٿا. بابا اوهان ته چوندا هئا ته اهي خاڪي ڪپڙن وارا اسان جي ملڪ جي دشمن خلاف وڙهندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي منڪ م قدم ٻه رکڻ نه ڏيندا آهن. پر بابا اسان ته دشمن ناهيون. بابا الائي چو هن گهر م ڊپ ٿو ٿئي ڪٿي هو.....!" هوءِ خاموش ٿي وجي.

پٿهنس مٿي تي هٿ رکي چيس. "مان جو وينو اهيان! تنهنجو بيءُ آهيان ۽ تون وجي مامهين جي چوڪري کان پڇي اچ." پوڙهو سوچن م ڪم ٿي وجي ٿو. اونداها خواب هن جي اڏو ايندا ٿا رهن. ٻئي ڏينهن ٿيندا. ڏيتس جون ڪڪڙيون ڪٿي ويا ۽ ڪلهه ٻڪري به زوري کاهي ويا اهن. ڪلهه ولوءَ جي ڪهر واريءَ جو موت ٿيو. چو جو انهن ولو جي ڏاند ڪاڏي کي ڪچي مان شهر ٻڪي تي وجڻ نه ڏنو. ولوءَ کين ڏاڍا ايلاز ڪيا. منهنجي گهر واري موت جي ڪشمڪش م مبتلا آهي. خدا جي واسطي اسان کي ڇڏيو. پر انهن هڪ به نه ٻڌي. ورندو ولوءَ کي موچڙا هني واپس ڪري ڇڏيو ۽ رات سندس ڪهرواري مري وئي. هو انهن ٿي پورن م هو ته سندس ڌيءُ اجي نڪتي. جنهن کان حال احوال ورنائين. جنهن ٻڌايس ته "بابا مامي جي ڌي کي منجهند جو وني ويا ۽ اتي ڏهن پندرهن مردن سانس زيادتيون ڪيون ۽ بابا هو رڪو پٽي روئي ۽ اک ئي نٿي کولي سگهي. بابا کيس ڏاڍو بخار هو. ان سان هنن مارن قيس ڪيا اهن. بابا مونکي هان ڊپ ته ڏاڍو ٿو ٿئي." پهنس کيس دلداري ڏني ۽ شام جو اها چوڪري به گذاري وئي.

"اڙي پوڙھا حوڪري ڪي ڇڏ ته تنڪو هڙتي ته مان وڃنجان نه ته اوهان جو خير ناهي." اڪيون فوتاريندي خاڪي لبس وري ڏرين پوئيءَ ۾ ڇيو.

ڏينس اچي پيءُ کي پڪ وڌو. هوءَ ڪنبي رهي هئي. "باب مونکي بچاءِ مونکي هو ماريندو." پنهنس ان خاڪي لبس واري سماج سڌارڪ کي ڇيو ته. "خدا جي واسطي اسانکي تنگ نه ڪر اسان جي ڪهر مان وڃ هليو ۽ اڪين اڏو ٽري وڃ."

۽ اهو عوام ۽ قوم جي عزت جو رکوالو ڇوڪري کي پيءُ کان جدائن جي ڪوشش ڪري ٿو. پوڙهو پاسي ۾ پيل ڪهاڙي کڻي هن کيس مٿي ۾ وهائي ڪڍي ٿو. اهو خاڪي لباس وارو ڪري پوي ٿو ۽ رت نيندبيون ڪندو وهندو رهي ٿو.

ڏينس چويس ٿي. "بابا هنان هاٿي جو هاٿي هلون."

"نه ڪونه هنداسين."

پيءُ کي ڏي ايلاز ڪري ٿي "بابا منهنجي عزت جو خيال ڪر وهان پوڙها اهيو. هتين خالي اهيو ۽ انهن ظالمن سان پچي نه سکهندا. وري ايندا سين ۽ ڪهر اسان جو اهي ۽ اسانجو رهندو."

پيءُ جي پيرن تي ڪري پوي ٿي. پيءُ ڏيءُ کي پڪر پائي چمي ڏي ٿو ۽ پر ٽڙڪ ڪري پونس ٿو ۽ عزت بچائڻ خاطر پوڙهو پيءُ پنهنجو بابو ڪهر ڇڏڻ تي مجبور ٿئي ٿو ۽ رت ۾ پڌل خاڪي لبس واري کي نفرت سان ڏسي. هن نڪي ٿو ۽ اڻندو جو عزم ڪني عارضي منزل طرف روانو ٿئي ٿو.○

انصاف هتي جو اهڙو آ

فهميده مونکي چيو. "گهر ۾ ويهي تنگ ٿي پيا آهيون. ڏينهن ڏاڍو خوشگوار آهي. ڇو نہ گهمڻ لاءِ جڳهہ تي گهمڻ لاءِ هلجي ۽ هن بهترين موسم مان لطف حاصل ڪجي. دل کي بہ سڪون ملي ويندو ۽ تازا توانا ٿي موٽي اينداسين". گهر مان نڪرڻ وارا هئاسين تہ بابا پڇيو. "پٽ! ڪاڏي پيا وڃو؟"

اسان ٻاهرينءَ در ڪان وري واپس آياسين. فهميده چيو. "بابا اسين ٿورو باغ ۾ گهمڻ ٿا وڃو".

"پٽ نہ وڃو امتحان ويجها اٿو. اٿين گهمندا وتندؤ تہ ڪتي نہ ...س ٿيو. ويهي پڙهو. ڏينهن بہ سنو اٿو. هرويرو ٻاهر وڃي وقت نہ وڃايو."

"...ا اسين جلدي ٿا موٽي اچون. ڪجهہ ٻاهرين هوا جو مزو وٺي اچون. پڙهي ...ي ...ڪين تي بار پئجي ويو آهي".

"بابا وڃو نہ؟" مون بابا کي چيو.

"ڀلي وڃو پٽ پر اجهو جلدي." اسان مرڪي گهران ٻاهر نڪري باغ ڏانهن رخ رکيو.

باغ ۾ ڏنوسين ننڍڙا ٻار اتي رند ڪري رهيا هئا. ٻار ...ان ...مي کي فري وي. هڪ چيو "د ڪس مونکي هتي (ٻن پوليس وارن ڏ نهن اشارو ڪندي چيائين) جمعت هتئي آهي." سڀني ڪديس او ز ۾

جيو " سان کي به دڙڪا ڏنا ٻن ته رنڊ نه ڪيو." مون سوچيو ته ڪيڏا نه ظالم آهن. ٻارڙن هنن جو ڪهڙو ڏوهه؟ ته جو آهي! مان ۽ فهميده باغ ۾ گهمي رهيا هئاسين ته وڏيرو ڪار مان لهي هڪ عورت کي جيبهه ۾ ٻانهن وجهي ٻارڪ ۾ سان ڪان ٿورو پرڀرو ڇي وينو. وڏيرو ان عورت کي چٽي رهيو هو.

" هي سڄو ملڪ پنهنجو آهي هت تون نه ڊڄ. ائين سمجهه ته بنگلي ۾ وينا آهيون. سان کي هت ڪير به ڪجهه نه چوندو آهي. آخرڪار آءُ به ته زميندار ماڻهو آهيان."

" پر هر ايندڙ ويندڙ اسان کي غور سان ڏسندو ٿو رهي. مون کي شرم ٿو اچي".

" شرم نه ڪر مؤئي خير آهي. پياري! جنهن ڏينهن جانڻ وڏيرو توکي مون وٽ وٺي آيو هو. مان انهيءَ ڏينهن کان توتي مست آهيان. برين! جانڻ وڏيري جي دوستي ڇڏي ڏي. (وڏيرو عورت کي ڳلن تي هٿ گهمائي چٽي رهيو هو) مان توکي ان کان وڌيڪ خوش ڪندس. جيڪا عورت مون وٽ هڪ ڀيرو ايندي آهي. اها منهنجي عشق ۾ ڦاسي ويندي آهي."

" پر باغ ۾ ائين ڪئي عام گهمڻ سان بدنامي ٿيندي. جانو ته ائين ڪو نه ڪندو آهي. پر وري به تنهنجي مرضي. تون تمام سٺو ماڻهو آهين ۽ مونکي ڏاڍو وڻين ٿو." اسان ٻئي ٻر واري پارڪ ۾ ويهڻ لاءِ وڃياسين ۽ جيئن ويناسين مس ته به پوليس وارا آيا. "اري ٻئي ٿي ويهو؟" اسان ٻئي ڇرڪ ڀري اٿي بيهي رهياسين. هڪ پوليس واري وڏيري کي سلام ڪيو. "ڇوڪري تون ٿورو پرتي ٿي بيهه!" هڪ جتي جيو. ٻئي جي ٻين ۽ سنو ڪيسي مان ڪڍيو. پڇيائين "تنهن نالو؟" مون هٻڪي جيو.

" ڪلن"

" هيءَ ڇوڪري تنهنجي ڇا ٿي؟"

" هيءَ منهنجي ڀيڻ هي"

"ڀيڻ جا ڪا.... شناختي ڪارڊ اٿئي؟"

"نه اهو کڙيو اهي".

"هتو بئي ٿاڻي تي، توهان کي خبر ٿا ڏيون ته ڪيئن ڪٻل ميدان ۾ عشق ڪيو آهي."

"پر اسان بي قصور آهيون."

"بي قصور جا پٽ! توکي بي قصور هجڻ جي خبر ٿاڻي تي پوندي. هيءَ پارڪ انهيءَ لاءِ نهيا آهن ته اوهان رنگ رليون ملهايو؟" پوليس وارن اسان کي ٿاڻي تي هلڻ جو اشارو ڪيو. پويان وڏيري جي ٽهڪن جو آواز مسلسل ٻڌڻ ۾ ايو.

هڪ سپاهي صوبيدار کي چيو. "سائين هيءَ باغ جي پارڪ ۾ رنگ رليون ملهائي رهيا هئا." مونکي اندر ۾ ڪاوڙ ته ڏاڍي هئي، پر خاموش رهيس. صوبيدار رعبدار آواز ۾ چيو. "اڙي ڇوڪرا هيءَ ڇوڪري تنهنجي سنگتياڻي آهي نه! واهه جو جوڙ آهي."

"سائين هيءَ ته منهنجي ڀيڻ آهي" مون چيو.

"ڀيڻ!". صوبيدار وڏا ٽهڪ ڏنا.

"ها پٽ! پهريان سڀڪو ائين چوندو آهي. ڪهڙيءَ ڪان پوءِ پاڻهي سچيون ڪندين".

مون فهميده ڏي ڏٺو. جيڪا مايوس ٿي ويٺي هئي. مون کي آهستي چيائين، "پوءِ ادا ڇا ٿيندو؟ بابا ته ڏاڍو ماريندو". مون دلداري ڏيندي کيس چيو. "ادي ڪجهه به نه ٿيندو تون فڪر نه ڪر."

بابا کي هن ماجرا بابت پاڙي جي ڇوڪرن وڃي ٻڌايو. بابا انهيءَ وڏيري کي وٺي ايو. جيڪو پرائي عورت سان پارڪ ۾ ويٺو هو. ۽ هو پاڻ ۾ عشق محبت جو ڳالهيون ڪري رهيا هئا. وڏيري صوبيدار کي چيو "سائين هي ٻئي ماٺهو منهنجا آهن ۽ ٻئي ۾ ٻئي ڀاءُ ڀيڻ آهن. هي سند ن پيءُ اهي".

صوبيدار اسان کي ڇڏي ڏنو.

شهر ڏانهن

"**ڊاڪٽر** صاحب مونکي الائي ڇا پيا ريو اٿن. جو منهنجو دماغ چڪرائجي ٿو. مونکي ٺيڪ ڪر." هن هڪدم پاٿل اڇو برقعو اڇلائيندي پٽ تي ويهندي چيو. هوءَ قوهه جوان. ڪارڙها ڪٽا. بيحد حسين. ڪپڙا به سٺا پاتل. هٿن کي ميندي لڳل. چمڪدار چوڙيون ڀهريل ۽ پرفيوم لڳل. مونکي هوءَ پري لڳي رهي هئي. هن جون مريدياتيون هن کي برقعو پارائن ۾ پوريون. ٻئي ڪمري مان آواز آيو. "برقعو نه پارايوس." گهر ۾ عورتن کان سواءِ ڪير به موجود نه هو. ڪمري ۾ فرج، رنگين ٽي وي ۽ ايئر ڪولر هلي رهيو هو. ڪمري جي اڌو دروازو ۽ وچ ۾ ٻن دروازو هو. وچين دروازي واري ڪمري ۾ ٻيون عورتون ويٺيون هيون، عورتون خاموش ٿي ويٺيون هيون. عورتن ۾ اڪثريت نوجوان عورتن جي هئي. هڪ اڌڙوٽ مريدياڻي به هئي. مون مريضياڻي جي پلس، ٽيمپريچر ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪيو. جيڪي نارمل هئا. مون عورتن کي چيو "هن کي کٽ تي ويهاريو."

مون ڏٺو هوءَ مون ڏي مسلسل ڏسندي ٿي رهي. کٽ تي ويهندي منهن مون ضرف ڪندي پڇيائين. "ڊاڪٽر صاحب مونکي ڪهڙي بيماري آهي. مون کي سڀ جري ٿيون جون."

وچ ۾ ان جي ڪنهه ڪتيندي ٻيئل مريدياڻين مان هڪ نوجوان عورت چيو. "هن ڪجهه پيتو آهي."

هن ذري کهت ان نوجوان مريدياڻيءَ تي ٽِر ڪندي چيو. "پيتو اٿم. يا پياريو ويو اهي؟"

مون سيني کي چيو. "خاموش. مونکي اهو ڪلاس بہ ڏيکاريو التي ڪٿي اٿائين؟.

چيائون "ها."

"اها جاءِ بہ ڏيکاريو."

بهرحال ان ۾ زهر واري ڳالهہ ظاهر ۾ ڏسڻ ۾ نہ اٿي. مان سڀئي هٽڻ لاءِ تيارٿيس هن پڇيو. "ڊاڪٽر صاحب ڪهڙي ٿ سڀئي هٽو؟" مون چيو "آرام جي" ۽ هن وڏا ٽهڪ ڏين شروع ڪيا. هن جا ٽهڪ عجيب قسم جا هئا. "ڊاڪٽر صاحب اوهان جي سڀئي مونکي ارام نٿي ڏئي سگهي." مون سختي سان ڪيس منع ڪندي چيو. "توهان مونکي گهرايو نہ ها. هاڻ خاموش رهو جيئن مان علاج ڪريان." ڏنم تہ هو سنجيده ٿي وبني ۽ ٻانهن کي مون ڏ نهن وڌائيندي چيو. "سڀئي هٽو؟" مون هن کي سڀئي هنئي. ائين ڪندي اڃي برقعي سان هڪ عورت وچين ڪمري مان آئي. مونکي چيائين. "ڊاڪٽر صاحب هن جوا وهان وٽ علاج آهي تہ پل ڪريوس نہ تہ اسان ڪنهن وڏي شهر هن کي وٺي وڃون ۽ ڪنهن اسپيشلسٽ کي ڏيکاريون." مون چيو. "هن کي ظاهر ۾ تہ ڪا بيماري ناهي. باقي لڳي ٿو هو ڪهتو سوچي ٿي ۽ آرام نہ اٿس سو مون سڀئي هنئي اٿمانس. باقي دوائون موڪليان ٿو. وڌيڪ سياني ڏسي جواب ڏيندس."

جيئن تہ مان ڪافي عرصي کان هنن جو فيملي ڊاڪٽر اهيان. هو يا هنن جو خاندان مونکان مشورو ڪري ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر وٽ ويندا آهن. هي پيرن جي وڏي گادي ٔاهي. ڪوڙ سارا سنڌ ۾ هنن جا مريد آهن. هو ڪمائيندا ناهن. پر هر شي هنن کي مريد ڏيندا آهن. جانور. ان ٻئوءَ ڪارون پن مريد وٺي ڏيندا اٿن ۽ گهر ۾ هن دور جون سڀ سهوليتون موجود اٿن.

ٻئي ڏينهن پيرن مون ڏي ننڍڙو ڇوڪرو موڪلي ڪيو. اُن ڏينهن ڇوڪريءَ کي ڪاري کادر پاتل هئي. مون ڪيس ڪجهه ڪيو ڇوڪريءَ چيو. "ڊاڪٽر صاحب ڪالهه اوهان ويا ته مونکي آرام اچي ويو. اڄ پاڻ کي ٺيڪ ٺاڪ ٿي سمجهان".

ٻيو ۽ هن هڪ مريديائي کي بسڪٽ ۽ چانهه آڻڻ لاءِ چيو. مونکي چيائين. "اوهان آرام سان ڪرسي تي ٿي ويهو". ان ڪمري ۾ مونکان ۽ ڇوڪري کانسواءِ ٻيو ڪير به موجود نه هو. مان ان ڇوڪري جي بلڪل سامهون ڪرسي تي ٿي ويٺس. ڇوڪريءَ چيو "ڊاڪٽر صاحب اوهان اسان جا خانداني ڊاڪٽر آهيو. مونکي ٻڌايو ته مونکي بيماري ڪهڙي آهي؟"

"مون کيس ڏنداري ڏيندي چيو. "اوهان کي ڪابه بيماري ڪانهي. جوانيءَ ۾ ائين ٿيندو آهي."

"ڇا جواني ۾ ٿيندو آهي؟" هن سواليه انداز ۾ پڇيو.

"پريشانيون. سوچون ۽ ٻيو ڇا؟" مون ڪمري جي چوطرف ڏٺو.

هن چيو. "اسان جي گهر ۾ هن مريديائي کانسواءِ ٻيو ڪير به ناهي اوهان کوبه ڪتڪو نه ڪريو ۽ اوهان کلي طرح ڳالهايو. مان به اڄ توهان سان پنهنجي همدرد ۽ سڪي ڀاءُ وانگر ٿي ڳالهايان. اوهان منهنجي پيءُ کي چئو ته منهنجي شادي ڪرائي".

مون چيو. "ڪنهن سان؟"

"بس آهي". مرڪي ڏنائين.

"مونکي ته ٻڌايو".

"ها جيڪڏهن منهنجو پيءُ منهنجي شادي اتي نه ڪرائيندو ته مان ڪجهه به ڪري سگهان ٿي. مان نٿي چاهيان ته اسان جو خاندان بدنام ٿئي."

ان وچ ۾ مريدياتي چانهه ء بسڪٽ ٽيبل تي رکي هلي وئي.

"مان ڪوشش ڪندس ته اوهان جي پيءُ کي چوان، اوهان پريشان نه ٿيو. آرام ڪريو. سوچيو به گهٽ. سوچڻ سان مسئلا حل ناهن ٿيندا. اڄ پڻ آرام جون گوريون ڏئي ٿو وڃان" ء مان اٿڻ لڳس. هن به اٿندي چيو. "مان وري به اڪيلائي ۾ اوهان کي گهرائيندس. پر ڳالهه اوهان تائين رهي." مون دلداري ڏيندي کيس چيو

"اوهان فڪر نه ڪريو. اهو راز ئي رهندو."

مان جيئن ئي اسپتال پهتس ته هڪ نوجوان ڇوڪرو اسپتال ۾ مونکان اڳ ويٺو هو. مان ڪرسي تي ويٺس. هن کان پڇيم. "گلشير خير ته آهي نه؟".

"ها سائين خير آهي". ڪن پل ترسي وري پڇيائين.

"پيرن ڏي ته خير هو نه؟"

مون کي ڪاوڙ ڏاڍي لڳي چيم "تون ڪير ٿيندو آن پڇڻ وارو." هن کي خوب دڙڪا ڏنم. پوءِ هو هليو ويو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گلشير وري اسپتال ۾ آيو. وار وکريل، ڏاڙهي وڌيل. پريشان حال ۽ ڪپڙا ميرا ياتل هيس. مون سوچيو هي ٽپ ٽاپ تي گهمندو وتندو آهي. سدائين پيو کلندو آهي. اڄ اهڙي حالت ڇو اٿس. منهنجي اندر جو تجسس وڌيو. پڇيومانس.

"گلشير اڄ هھڙي حالت ڇو خير ته آهي نه؟".

"ها سائين خير آهي ڪجهه طبيعت ٺيڪ ناهي. مريض وڃن پوءِ مان اوهان کي طبيعت ڏيکاريان ٿو"

سڀ مريض ويا هليا ته گلشير کي پنهنجي پر ۾ ويهاريم.

"ڏي خبر ڪهڙا حال اٿئي."

"بس سائين ڪهڙا حال ٿا پڇو. سائين هڪ ڳالهه ڪيان" هن اسپتال جي چوطرف ڏٺو.

سائين ناراض تہ نہ ٿيندا"

"نہ بابلا توں پنهنجو حال ٻڌاءِ. مون کي پنهنجو سمجهہ توں ائين اداس ڇو آهين.مون توکي ڪڏهن ائين نہ ڏٺو آهي؟"

هن هڪي هڪي ڳالهايو. "بس سائين غريب آهيان. پيرن وٽ رهندو آهيان. ننڍي هوندي مائٽ هٿ ڇڏي ويا. پيرن جي خدمت چاڪري لاءِ پر سائين..." هو خاموش ٿي ويو.

"بابا توں مطمئن رهہ مان اهي ڳالهيون ڪنهن سان بہ نہ ڪندس. هر ڊاڪٽر وٽ الائي ڪيترن / ڪهڙن ماڻهن جا راز دل ۾ لڪل هوندا آهن. توں اندر کولي مونکي احوال ڪر".

"سائين جنهن ڏينهن توهان پيرن وٽ ويا هيا. مان اوهان کان پڇڻ آيو هيس. اوهان دڙڪا ڏئي مونکي ڪيڏي ڇڏيو هو. ان ڏينهن توهان جي اچڻ کان اڳ، مون کي پيرن ڏاڍو ماريو هو ۽ ان کي ....!"

"ڪنهن کي؟"

"سائين جنهن مريض کي توهان ڏسڻ ويا هئا."

اهو ٻڌي منهنجي ٻڌڻ جو تجسس وڌيڪ وڌيو. مون گلشير کان پڇيو."ان جو توسان ڪهڙو واسطو؟"

"اوهان کان ڪهڙو لڪايان. مان ننڍي هوندي کان پيرن جي گهر ايندو ويندو هيس. اڪيلائي ۾ هوءَ مونکي پاڪر پائيندي هئي. پر سائين خدا جي واسطي اها ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪجو. نہ تہ پير مونکي مارائي ڇڏيندا ۽ هن کي پڻ."

مون وري بہ اٿت ڏني مانس. ٿورو ترسي وري چيائين. "مونکي چوندي هئي تہ ڪنهن کي هي ڳالهہ نہ ٻڌائجان. مونکي پئسہ پڻ ڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رات جو اڪيلائي ۾ مونکي ٻانهن سان ڳنڍ سمهاريندي هئي. ڏاڍو قرب ڏيندي هئي. ماءُ هن کي جهليندي هئي تہ

مون سان نہ مني. پر اهستي اهستي ماءِ جون جدي ڏنس. مونکي بہ سائين ڏاڍي وڻڻ لڳي. جنهن ڏينهن هن کي نہ ڏسندو هيس تہ اندر ۾ اند مانڊ ٿيندي هئي. مان بہ وڏو ٿي ويس هوءِ بہ. بعد ۾ مان ٻاهر سمهندو هئس. جڏهن اسان ڪڏہا هئاسين تہ ان ڪان اڳ ميڊيڪل اسٽور تان ننڍي جون ڪوريون وٺي ايندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن سندن شهر واري جاءِ ۾ خوب عيش ڪندا هياسين. وي سي آر بہ ڪڏ ڏسندا هئاسين. سندس ماءُ کي خبر آهي. مرد بہ مونکي ڀائيندا اهن. گهر جو ڀاتي ڪري سمجهندا آهن. مان هاڻ پڪو ڊرائيور اهيان ۽ انهن جي ڪار هلائيندو آهيان. سائين جن هن جي شادي هڪ ٻوڙهي پير سان ٿا ڪرائن. جنهن کي اڳ ۾ چار زالون آهن. سائين ان ڏينهن اسان ڏيڍي ۾ اڪيلا ويٺا هياسين ۽ پاڻ ۾ پيار ڪري رهيا هئاسين. جو سندس پيءُ اوچتو اچي ويو. ان مونکي ۽ پنهنجي ڌيءُ کي بہ ڏاڍو ماريو. هاڻ مونکي اندر اچڻ ڪونہ ٿا ڏين. باقي اجان اتي رهان ٿو. هوءِ چوي ٿي تہ توسان شادي ڪنديس ۽ شهر هلي رهنداسين. خدا ڪري مونکي هوءِ ملي!"

ڪالهہ ٻڌائڻ سان ڳڻ اکين مان ڳوڙها وهندا رهيس.

مونکي وري علاج واسطي پيرن ڪهرايو ڏنم تہ اينري حسين چوڪري ڪاراڻجي وئي هئي ۽ ڪمزور بہ ٿي وئي هئي. ان ڏينهن هن کي برقعو پاتل نہ هو. مون هن کان ڪمزوري جو سبب پڇيو.

"ڊاڪٽر صاحب! سوچي سوچي بيمار ٿي پئي اهيان. هاڻ تہ بابا هر وقت ٿو منهنجي بي عزتي ڪري ۽ دڙڪا ڏئي. اوهان کي بہ ڏيکارڻ نٿو ڏئي چوي ٿو پل هي بيمار هجي. پر اڄ هو هت ڪونهي. ان ڪري اوهان کي گهرايم. توهان مهرباني ڪري بابا کي چئو."

پوءِ هن ٻانهون ٻڌنديءَ رڙو منهنجي پيرن تي رکندي روئندي چيو. "خدا جي واسطي بابا کي چئہ تہ منهنجو علاج شهر ۾ ڪرائي اُت اسانجي جاءِ بہ آهي. بابا کي چوندؤ نہ....."

مان سوچيندو رهيس. ڪشير جا آخري لفظ ڪين ادو ٻري ٻه نه مان شهر اينديس...! مونکي خاموش ڏسي پڇيائين. "ڪهڙن سوچن ۾ ڪم ٿي ويا. اوهان ته چيو هوته مان تنهنجي پريشاني دور ڪندس. همدردي ڪندس. مهرباني ڪري بابا کي چئه."

"ها ها بلڪل مان اڄ جو اڄ تنهنجي پيءُ کي چوندس. ته تنهنجو علاج شهر ۾ ڪرائي."

ڏنم ته سندس ء ُهن تي سرهائي اچي وئي ء بيحد خوش ٿي. شام جو سندس پيءُ کي چيم ته "اوهان جي ڇوڪريءَ کي سائي آهي. ڪيس حيدرآباد شهر وٺي وڃو. ات سٺا اسپيشلسٽ ڊاڪٽر موجود آهن. اتي ڪنهن کي ڏيکاريوس. شهر ۾ اوهانجي ٻنهنجي رهڻ لاءِ جاءِ ٻه آهي." هن چيو. "نيڪ آهي."

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ان پير جي ڇوڪري جي ڪم ٿيڻ جي خبر ڦهلجي وئي.

خوشيءَ جون ريکائون

نسيم منهنجي اسپتال جي دروازي کان اندر آئي. هن کي ڪارو برقعو پاتل هو. مون هن کي اسٽول تي ويهاريندي پڇيو. "ڇو اڄ برقعو پاتو اٿئي ۽ هٿن کي ميندي ......!! ڇا ڳالهه آهي؟"

سس جيڪا هن کي وٺي آئي هئي تنهن نهه پهه جواب ڏنو. "ابا مون پنهنجي پٽ گونگي جي شادي هن سان ڪالهه ڪرائي آهي. اسان اها شادي هاڻي نه ڪرايون ها، پر نسيم جو پيءُ دودو هن کي ٻئي هنڌ ڏيڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. جڏهن ته اسان کان هن جا پندرهن هزار اڳ وٺي کائي ويو آهي. هن کان به نئدي ڏي چاليهن هزارن ۾ پرڻائي ڏني اٿائين. اسان رهيل پنج هزار ڏئي سائين رڪيل شاهه کان فيصلو ڪرايو. هيءَ ڇوڪري جڏهن کان ونواهه ۾ ويٺي تڏهن کان بخار اٿس ۽ ڪمزور به ٿي وئي آهي."

مون ڏٺو ته نسيم جي عمر وڌ ۾ وڌ ۹ سال هئي هن جي سس وري چيو. "ابا هن جو علاج سٺو ڪر اسان هر خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

اسان جي بنگلي جي ڪوهه واري زمين صدوري ڪاهيندو هو. سانس ڪڏ سندس پٽ دودو به هوندو هو. ماسي نصيبان دودي جي ماءُ ڪڏهن ڪڏهن اسانجي گهر ايندي هئي. امان سان ڪچهري به ڪندي هئي. قرآن جو سبق سڻ وٺندي هئي ۽ ڪمڙ. ابو. جنور ڪڙ يا روڪ

نتسا وغيره وني ويندي هئي. صدوري به اسان جي ڊوري وري زمين اڪيلي سر ڪڍندو هو. هو نهايت پماندار. محنتي پنج وقت نماز پڙهندو هو ۽ ڳوٺ واري مسجد جي سار سنڀال پڻ لهندوهو. ننڍي هوندي صدوري کان مان. ٻاء غلام مرتضي. ڪدا حسين. اڪبر. ڏنو ۽ حميد بنگلي واري زمين تان انبيون وٺڻ ويندا هياسين. پاڻو مرحوم غلام سرور انڀ. مترن جي قربن جو شوقين هوندو هو. ٻاڻ جڏهن ڪوٺا مان (ڊاڪٽري پڙهندو هو) ايندو هو ته اسانکي چوندو هو جاجي صدوري وٽان انبيون ڪٽي اچو. ڪڏهن ڪڏهن هو ٻان به هلندو هو. جواني ۾ ٽي ڪيس فالج جو اثر ٿيو ۽ گذاري ويو. ڳوٺ ۾ مامو شمس الدين جيڪو پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو. هي اسڪول ۱۹۰۲ع ۾ ٺهيو. تڏهن تر پاسي ۾ اسڪول ڪونه هوندا هئا. هاتي ته ننڍين وڏن ڳوٺن ۾ پڻ پرائمري اسڪول آهن. اسان ننڍڙا ڇوڪرا خانواهڻ مائنر تي اڪثر منجهند جو وهنجڻ ويندا هئاسين. اونهاري جي موسم ۾ متو ڪوڙائي ميٽ مکي وهنجندا هياسين. رستي جا ايندڙ ويندڙ ماڻهو سيني ڇوڪرن کي نوڙهو ڏسي اچرج ۾ پوندا هئا.

دودي به شاديون ڪيون. پهرين مان ٦ ڌيئر ۽ هڪ پٽ ۽ ٻيءِ مان به ڌيئر اٿس. پهرين ڇوڪري مائٽن کي ڏنائين جنهن تان ٢٥ پنجويهه هزار ورتائين. ٻي ڌيءِ چاليهن هزارن ۾ ٻي ذات کي ڏنائين ۽ ٽين ڌيءِ وري ٽين ذات کي ٤٥ هزارن ۾ وڪيائين. جيڪا مس ٦ سالن جي ٿيندي. مون هڪ ڀيري دودي کان پڇيو. "دودا تنهنجو ٻيءُ به اسانجو هاري هو. تون به هن وقت اسان جو هاري آهين. هڪ ٽي ڳوٺ جا آهيون تون ڇوڪريون جو ٿو وڪڻين؟"

چيائين. "سائين هروبروڪنهن تي نورو جو ڪيان - پتسا وٺندس ته ڇوڪرين جي ساهرن کي احساس به ٿيندو. ٻيو ڏسو نه سائين زمين اڪي وڏڙ ڪڍندا هيا ته برڪت به هوندي هئي. ٽريڪٽر. ٿريشر ڪلر (انگريزي پان) وغيره ڪونه هوندا هئا. تڏهن به اسان سکيا

هوند هئا سين. هدي زمين مان ڪجهه به ٿيو بچي. مان ته غير سندي ڪي بن چيو ته (جنهن جي به مان زمين ڪاهيندو آهيان) مونکي يڪر زمين ڏي ته مان عيوضي ۾ توکي ڏيء جو سڪ ڏيان. پر هن حرامي نه ورتي سو بوء سائين ڪير به هجي جيڪو مونکي پئسو ڏيندو. آءُ ان کي سڪ ڏيندس." ڪندي چيائين. "ڏيئرن جو پئسو بچي ته ڪونه ٿو باقي انهن پئسن مان تي مينهون آهن هڪ تي وي ورتم. بجلي جا پنڪ به ورتا اٿم. مطلب ته اهو پئسو بچي ڪونه ٿو. منهنجي جن ٻن ڏيئرن کي اولاد آهي سوچيان ٿو ته انهن کي به سندن مڙسن کان طلاق وٺرايان ته ٻوء ٻيا مڙس ڏيان."

مون وچ ۾ منهن خراب ڪندي دودي کي چيو. "حيف هجئي دودا صفا بيغيرت ٿي ويو آهين. جو اينترا پئسا ڏيئرن مان اندئي. بجت ته ٿيو پر رهندو ماتهن جو قرضي اهين".

وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي چيائين. "سائين اجا ٻه ڏيئر آهن ء توهان کي مزيدار ڳالهه ٻڌايان ته جيڪا وڏي ڌيء اٿم سا مون وٽ ٿي رهي هن جي مڙس چيو. "مان پنهنجي زال کي ڳوٺ وٺي ٿو وڃان." چيومانس زال هلندئي؟ ء جوئس ڳوٺ وڃڻ کان انڪار ڪيس. معني ته ان کي جيئن چوندس تيئن ڪندي، ٻي زال وٽ ٻه ڏيئر رهن ٿيون. اها پنهنجي پيءُ وٽ ٿي رهي ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته اتان جو زميندار وهاربو وينو اٿس. اها پلي اتي ويهي. باقي مان پنهنجون ڇوڪريون وٺڻ لاء پنهنجي سهري کي زميندار کان چورايو اٿم. اهي ملن ته سٺ يا پنجاهه هزار ملي پوندا. اوهان وٽ ڪوڙ مريض ء انهن جا مائٽ ٿا اچن جيڪڏهن ڪنهن کي به ڇوڪرين جي ضرورت آهي ته مان ڪين پئسن سان ڏيندس." دودي جي هڪ نراني ء مانيٽي طبيعت آهي اوهان هن کي ڪيترو به وڏ ڪهٽ ڳالهايو يا ڪاريون ڏيو تڏهن به ٻيو مرڪندو.

مون نسيم کي جيڪ ڪيو. جيڪا ڏ ڊي نبل ء ڪمزور هئي.

مون نسيم کان شادي جي پهرين رات واري وارتا پڇي چيائين. "امان روڪيو هو تہ ويجهو نہ وڃجانس مونکي پاڻ ڊپ پئي ٿيو."

مون کيس چيو "ڊپ ڇا جو؟". هن ڪنڌ هيٺ ڪيو ڄڻ تہ واقعي هن تي خوف سوار هو. گونگي سس کان ڇڻ نفرت هيس.

"پلا ڏينهن جو گونگي سان گڏ ويهندي آهين؟"

منهن خراب ڪندي چيائين "هو مونکي ڏنو ئي نٿو وڻي." مون نسيم جي چهري ڏي ڏٺو جيڪو پورو، چپ سنهڙا ڪلڻ تمام سنو ۽ هن جا مهانڊا حسين ڇوڪري جا ڏيک ڏئي رهيا هئا.

"پلا تنهنجو پيءُ دودو ڪيئن آهي؟"

"بس سٺو آهي پيءَ آ. مون تان ويهہ هزار ورتا اٿس مان چوٿين سنڌي ۾ پڙهان پئي ڏسو نہ هاڻي مونکي امتحان ۾ ويهڻ نہ ڏيندا ۽ اڳتي پڙهڻ نہ ڏيندا. ڏسو نہ گونگي سان ڇا ڳالهايان هُو مونکان تمام وڏو آهي پر مان ڇا ٿي ڪري سگهيس، " ۽ پوءِ اوچنگارن ۾ پئجي وئي، هن جي سس هن کي پرچائڻ ۾ لڳي وئي. سس مونکي چيو "ابا گهر ۾ بہ ائين پئي ٿي روئي" مون نسيم جي معصوم چهري ڏانهن ڏسندي سوچيو جهڙوڪ عربن جو دور موٽي آيو آهي. هو پورائيندا هئا ۽ هي ڇوڪرين کي بنا پڇڻ جي انڌي، منڊي ۽ گونگي سان پئسن جي لالچ ۾ ڏيو ڇڏين. اسان جي سنڌ ۾ ڪيئي سماجي ڀلائيءَ جي عورتن جون اهڙيون تنظيمون آهن. جيڪي ان عمل ۾ سرگرم آهن. پر شايد اهي ٻهراڙي جي علائقن تائين نہ پهتيون آهن. ڪين اندرون سنڌ جي علائقن جا دورا ڪرڻ گهرجن ۽ اهڙن عملن کي روڪڻ گهرجي. ڇو تہ اڄ جي جديد دور ۾ اهڙا واقعا رونما نہ ٿيڻ گهرجن.

"ابا اسان نسيم پرڻائي نہ ونون ها". مان نسيم جي سس جي آواز تي سوچن جي دنيا مان موٽي آيس. " پر جڏهن هن کان ننڍي پرڻائي ڏني اٿائين تہ نسيم بہ ونڻ لاءِ اهي ڪوشش ڪري رهيا ها. دودي تي تہ اعتبار ئي نہ آهي انڪري اسان پرڻائي ورتي." مون نسيم

جي سس کي اسٽور جي دوا لکي ڏني. ان وچ ۾ نسيم موٽکي ٻانهون ٻڌي چيو، "سائين منهنجي سس کي ڇئو تہ مان پنهنجي پيءُ وٽ رهان پڙهان. خدا جي واسطي ڇڏجوس." ۽ ڏنم تہ وري بہ هن جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. مون نسيم کي دلداري ڏني. هنجي سس دوا وٺي آئي ڪيس چيم. "هن جو علاج ڇهہ مهينا لاڳيتو هلندو ۽ مان صبحاڻي ڳوٺ ايندس ۽ ڇوڪريءَ جي طبيعت ڏسندس."

ٻئي ڏهاڙي مان پنهنجي ڳوٺ ويس جتي نسيم سندس مڙس گونگو. سس. پيءُ ۽ ماءُ موجود هيا. ڇوڪريءَ جو علاج ڪري کين چيم. "ڇوڪري اسڪول ويندي جنهن جو خرچ مان برداشت ڪندس ۽ انشاءَالله هيءَ ماسترياڻي ٿيندي ۽ جيستائين جوان ٿئي تيستائين پيءُ وٽ رهي."

گونگي کي بہ اشارن ۾ مون اهي سڀ ڳالهيون چيون. جنهن اشارن ۾ خوش ٿيندي چيو "مان پڻ ڪمائيندس ۽ هيءَ ماسترياڻي ٿيندي." نسيم ڏي ڏٺم جنهن جي معصوم چهري تي خوشيءَ جون ريکائون اڀري پيون. ●

اڄ نئون دور آهي

"**منهنجي** دل تي هٿ رکي ڏس ڪيئن ٿي نه تيز ڌڙڪي رهي آهي." شبانه برقعو صوفا تي اڇلائيندي چيو. مون به دير نه ڪئي. سندس ڌڙڪندڙ دل تي هٿ رکندي چيم "واقعي پرين! تنهنجي دل تيز پئي ڌڙڪي. اهو ان ڪري ٿو ٿئي. ته توتي خوف سوار هوندو. متان ڪهران نڪرندي يا رستي ويندي ڪو ڏسي نه وٺي."

صوفا تي ٽيڪ ڏيندي شبانه چيو. "بس منا ڇا ڪريان. نه اچان ها ته تون ڪاوڙجي وڃين ها. هونئن به تون مون سان ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي ڪاوڙجي ويندو آهين. مهينن جا مهينا مون سان ڪاوڙ جي ڪري نه ڳالهائيندو آهين. يقين ڪرين ته ان وقت مان بي چين رهندي آهيان ۽ مون لاءِ اهي ڏينهن عذاب جا هوندا آهن. توسان وعدو ڪيو هيم ته تون نئين جاءِ ٺهرائيندين. جڏهن سينگاريندين ته مان ايندس. ڀرپور پيار ڪري ان جو افتتاح ڪنداسين."

"ايئن!" مون پئي ٻانهون ڳول ڪري شبانه جي سنهڙي خوبصورت ڪڇي ۾ وڌم ۽ پيار جي ابتدا ڪيم.

"پرين! تنهنجو هر رنگ مونکي وڻندو آهي. بقول استاد بخاري جي سيني وصفن سهڻو آهين ننهن ڪان چوٽي تائين الا. مان به اڄ توسان ننهن ڪان چوٽيءَ تائين پيار ڪرڻ ٿو چاهيان. هر انگ جو طواف ڪرڻ ٿو چاهيان."

وڏ وڏا ٽهڪ ڏيندين چيائين.

"بلڪل! ڄ تہ سڀئين اوهان جي حوالي اهيون نيڪ نہ!!" پاڻ چئداٽي پاڻ ڪي پلنگ تي اڇلائي مونکي اچن جو اشارو ڪري ٿي.

"هن روپ ۾ توکي تنهنجو مڙس ڏسي تہ پوءِ...؟"

"تہ پوءِ ڇا ٿيندو! هو منهنجو مڙس ضرور اهي. هن جو مون تي حق بلڪل آهي. پر ڇا منهنجا حق ناهن؟ منهنجا حق پورا ڪٿو ڪري. منهنجي تمنائن کي ڪچليندو آهي. مون سان ڪلي بہ نہ ڳالهائيندو اهي. هن سور ڏنا آهن. مون سندس هر هڪ حرامپائي برداشت ڪئي اهي. خبر اٿئي هڪ ڏينهن مون ڪيس پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ نجما سان ڏٺو. ان لاءِ احتجاج ڪيم. هن ان ڏوهہ جو پاڻ کي ڏوهي تہ نہ سمجهيو. ورندو نجما سان منهنجي سامهون پيار ڪندو رهيو. ان وقت منهنجا احساس ڇا هوندا. تون سمجهي سگهين ٿو. پوءِ بہ مون اها ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪئي. پر هو مون سان پوءِ بہ ڪاوڙيل رهيو. پر هڪ ڏينهن هجي تہ سهجي. پر هو نہ مڙيو.

"خير..... ڇڏ انهن ڳالهين کي ڇانهہ وغيره آهي يا نہ؟"

مون ڇانهہ ۽ بسڪوٽ شبانہ جي آڏو رکندي چيو. "تون ڳالهائينس ڇو نہ ٿي تہ اهي حرامپايون ڪندين تہ ڇا مونکي حق ناهي؟"

ڇانهہ مان سپ پريندي مون ڏانهن ڏسندي چيائين. "سچ پڇين تہ مان هن سان پريوءَ پيار ڪندي هيس. ترڪ ٽال ڪندي هيس. پر موٽ ۾ هو مونکي نسرت ڏيندو هو. جيڪو پيار مان هن کان وٺن چاهيندي هيس. هو نہ ڏيندو هو. ورندو ڪافي ڏينهن مون سان ملندو ئي نہ هو. منهنجو تو ڏانهن ننڍين کان وٺي خيال هو. مون بہ سوچي ورتو. منهنجو مڙس جو مون ڏانهن خيال ئي ناهي. ان جون حرامپايون هر روز وڌنديون وڃن ٿيون. هو لاهي پاهي بينو اهي. مان توسان اين جو ملان. ڄ مونکي پترو پيار ڪر. پنرو پيار ڪر. جو منهجو انک

نڪ ٿري پوي.

"ء مان سباڻ کي پترو پيرءُ قرب ڏيان تو جو هوءَ موج ۾ اچي وڃي ٿي. موت ۾ هوءَ به مون سان اهڙو ورتاءُ پيار ڪري ٿي.

هوءَ ٽي صوفا تان اٿو کني ان سان هڪ خالي ٽيوب جو پاڻو ڏيکاري پڇي ٿي. "هي ڇا جي لاءِ آهي؟"

"هي ته Sex وڌائڻ لاءِ آهي ۽ مرداني طاقت لاءِ آهي". مان جواب ڏيانس ٿو.

"ها مان به جوان ته به مهينا کن ٿيندا ته مان ويجهو وڃانس ٿي ته هو صفا....؟" اهو چئي هوءَ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪري ٿي. مان سندس سٿر تي ڏک جي نشان کي زور سان چڪ هڻان.

"ڇو؟"

هوءَ هلڪي رڙ ڪري مون سان وڌيڪ چنبڙي وڃي ٿي. "اٿين پيارا ڇو آهي. توهان مرد عيش ڪريو. مختلف عورتن سان ملو ٿا. ته به ڏوهي ناهيو. اهڙي ئي روش تي معاشري ۾ اسان سان نفرت ڪئي وڃي ٿي. مان ڇا ڪريان. مون ته ڪوشش ڪئي هئي ته مڙس مون سان ڀرپور پيار ڪري، پر ان نه ڪيو. مان ڇا ڪريان. مونکي به ته پيار جي ضرورت آهي. اهو تو وٽ ملي ٿو ۽ توسان ملڻ کان پوءِ مان سڪون ۾ رهندي آهيان. هاڻي موڪل ڏيو. وري ٻئي پيري ڪچهري ڪبي ۽ منهنجي ڪهر ڇجان نيايو موڪليندي مان!"

مان شباڻ کي ٻاهرين در تائين ڇڏي اچان ٿو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ. شباڻ جي ڪهر ويس. مونکي ڏسي ڪڻ جيئن ٽڙي پوي ٿي ۽ مونکي ٻانهن کان جهلي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري ٿي. مونکي ڊپ ٿو ٿئي. پراڻي ڪهر ۾ وينو هيان. هوءَ به هن جي مڙس جو مون ۾ شڪ آهي ته مان سندس زال سان پيار ڪيان ٿو. مون کي ايئن سوچيندي مايوس ڏسي چوي ٿي. "مت ڪهبراءِ نه هت

منهنجي ٻبوڏ ٿي. ها، منهنجو مڙس مونکان ڏڄڻ لڳو اهي. جو جو هڪ ڏينهن ٿي م ڪجهه نه ڏسي ڏڙڪو ڏنو مانس ته توکي بدنام ڪندس نه تو م ڪا شي ناهي".

ڪجهه ڪائن جون شيون منهنجي آڏو اچي رکي ٿي. مان اڌ صوف ڪاٺي سندس وات م وجهان ٿو. هوء به ائين ڪري ٿي "ان ڏينهن پيارا تو ڏاڍو مونکي قرب ڏنو. ڏاڍو پيار ڪيو سچ پچ سوچيان ٿي ته ايترو وقت رائگان ڪذري ويو. منهنجن خواهشن جي تڪميل توئي ته ڪئي اهي. مان هاڻ خوش آهيان. هاڻ مونکي مڙس ڇڏي به وڃي. مونکي صرف ۽ صرف تون کهرجين." مونکي ڪوڙ ساريون چميون ڏي ٿي.

"دروازو ته بند ڪري آ پرين!"

"چو بند ڪريان؟"

اهو چئي هوء مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ شروع ڪري ٿي ۽ پئي ليٽي پئون ٿا. مونکي خوب پيار ڏئي ٿي. ائين ڪندي هن جو مڙس اندر اچي وڃي ٿو ۽ مان وسامجي وڃان ٿو ۽ ڪپڙن مان پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. هوء شبانه کي وارن کان وٺي ڌڪ هڻڻ شروع ڪري ٿو ۽ مونکي مارڻ لاء اڳتي وڌي ٿو. شبانه حتي ٿي پوي ٿي ۽ چويس ٿي.

"جڏهن نجما سان هن ئي ڪمري م ننگو ستو پيو هئين. ان وقت تنهنجي غيرت ڪاڏي مري وئي هئي. ڇا ان وقت توکي منهنجو خيال نه هو. توکي حق آهي ته ڌارين عورت سان مل ۽ انهن سان... پيار ڪر. مان ڪجهه ڪيان ٿي ته صفا برڻ ٿي ويو اهين."

پاڻ ڇڏائي مونکي پيار ڪري ٿي ۽ مان لڪن م پورو. هو بادر لاهي بنهي کي هڻي ٿو. هوء بي مان نڪري وڃي ٿي ۽ مڙس سان وڙهڻ لڳي ٿي. "اوهان مردن کي طاقت اهي ته عورتن کي ڪدامن وانگر ماريو. هيسايو. چيڀاٽيو اهو دور ويو. ڇ نئون دور آهي. جهڙو تون ڪندين اهڙو اٿون ڪنديس. تون هٿ ڪڻندين ته اٿون به ڪنديس."

سانـ مڙس کي زور دار ڌڪو ڏئي ٿي ۽ هو ساڻو ٿي ڪري پوي ٿو. ◉

کهریون حقیقتون

گلاب پلنگ تي ليٽيل پنهنجي خيالن ۾ گم آهي. سامهون سندس پٽ ڪرسيءَ تي ويٺل آهي. هن سوچيو ته ڪيئن نه زندگي جا پنجاهه سال گذري ويا. ان وچ ۾ زندگيءَ ۾ ڪيترا لوڏا آيا. دوستن، همدردن، مائٽن ۽ پرين پيارن هن سان ويساهه گهاتيون ڪيون. هن پاڻ کي جوکم ۾ وجهي ڪيترن جي زندگي بدلائي ڇڏي. هنن کي خوشيون ڏنيون. ڏکن ۽ تڪليفن ۾ انهن سان ساٿ ڏنو. انهن کي محبتون ۽ پيار ڏنو. پر هن کي موٽ ۾ مايوسيءَ ۽ ڏک مليا. ڪنهن کان به هن کي شڪايت، گلا ۽ ڏک نه هيو. پر هن جو تڪيه ڪلام هو ته! "رنا ئي رهن ٻر هجن حياتي."

"بابا! هڪ ڳالهه چوان؟" هو پٽ جي اوچتي سوال تي ماضيءَ جي دنيا مان موٽي آيو ۽ پلنگ تي سڌو ٿي ويهي رهيو.

"چا پٽ!"

"بابا ڪڏهن اوهان محبت ڪئي؟" محبوب هن جو پٽ ضرور آهي پر ساڳئي وقت هن جو سٺو ۽ سچو دوست پڻ آهي. گلاب ڪلي ڏنهن پنهنجي پٽ ڏي ڪري ٿو.

"ها پٽ! مون محبت ڪئي ۽ ڪئي بهتر ان جي سچي ڪهاڻي توکي نه ٻڌايان." پنهنجي سڌو ٿي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ سڄو ڌيان پيءُ ڏانهن ڪيائين.

مون مئٽرڪ پاس ڪئي. مونکي چاچي حيدرآباد وٺي هئي. مون اڳ ڪڏهن به حيدرآباد نه ڏٺي هئي. اتي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ فرزانه سان ملاقات ٿي. چاچيءَ اتي ايندڙ ويندڙ هئي. هڪ ڏينهن هن جي گهر جا ڀاتي ۽ چاچي ڪنهن ڪم سانگي پاڙي جي گهر ۾ ويا. آءٌ اندر ڪمري ۾ ويس ۽ دريءَ ڪان ڪٽ تي ويهي رهيس. هوءَ ٻاهر ڪٽ تي دريءَ سامهون ويهي رهي. مون پڇيومانس.

"فرزانه چاچيءَ وارا ڪاڏي ويا آهن؟"

فرزانه جوابُ ڏنو ته "پاڙي واري گهر ۾". دريءَ کي لوهه جون سيخون لڳل هيون هاڻ نئين دور ۾ چاريءَ واريون دريون ٿين ٿيون. مون ڪان پڇيائين. "توهان پڙهندا آهيو؟" مون چيو "آئون مئٽرڪ پاس آهيان" هن وري ڳالهايو. "اوهان جو ڳوٺ ڀهرڙيءَ ۾ آهي اُت اوهان کي ڏڄ نه ٿيندو آهي؟" مون چيو. "اسان هري-ويا اهيون. ڀهرازيءَ ۾ نه ڪشاديون جايون آهن. وڏا ميدان آهن. گهرن ۾ وڻ آهن. گوڙ گهمسان ڪونهي. سڄو پنهنجي مائٽن جو محلو آهي ۽ اسان ننڍا ٿي اتي وڏا ٿيا آهيون."

"پر ڪلاب اتي بجلي به نه آهي. رات جو اونده ٿيندي هوندي. آءٌ هتي حيدرآباد جي شهر ۾ جائي اهيان. ڀهرازيءَ ۾ به ڪڏهن ڪڏهن وئي آهيان. پر مونکي اتي ڏڄ ٿيندو آهي. اسان وٽ بجلي اهي. پڪا روڊ آهن. سواري آهي ۽ دنيا جي هر سهوليت آهي. اوهان هت جو نه ٿا اچي رهو؟"

مون ٺهڪ ڏنو. مون ڏنو ته هوءَ مون ڏانهن لڳاتار ڏسندي ٿي رهي اک ئي نه ٿي ڪڍيائين. مون هن ڪانئس ٻاتي ڪهريو. هن ٻاتي ڏنو ۽ ٻڇيين ڪلاس ۾ ٻاتي ٻان پي وٺي. آءٌ ان ڏينهن تي رهيس. هوءَ

منهنجو هر طرح سان خيال رکندي رهي. ماني بہ هوءِ پاڻ کڻي مون کي ڏيندي هئي. مون کان ہري پلڪ بہ نہ ٿيندي هئي. اسان جڏهن واپس ڳوٺ اچي رهيا هئاسين. ان ويل هوءِ ڏاڍي اداس هئي. موڪلائڻ مهل هن روئندي چيو. "گلاب وري ضرور جلد اچجائين آءٌ تنهنجو انتظار ڪندس." مون هنکي ہرچايوءِ چيو تہ. "فرزانہ آءٌ ضرور ايندس. ضرور ايندس." ڳوٺ پهچڻ سان منهنجي ڪيفيت عجيب ٿي وئي ۽ فرزانہ بابت سوچيندو رهيس. هن سان ڪيل ڪچهري ۽ اُهي ڏينهن ياد ايندا رهيا. سڪ اينري سرس ٿي جو مهيني کن کان پوءِ وري حيدرآباد ويس ۽ فرزانہ لاءِ خط لکي کڻي ويس. ان ۾ لکيم. "منهنجي توسان محبت ٿي وئي آهي." اتي وچي ڏٺم تہ فرزانہ کي مون سان ملڻ جي ڏاڍي سڪ هئي. هن پاڻ اظهار ڪيو تہ. "جڏهن کان توهان هتان ويا آهيو مان بي چين ٿي وئي آهيان. مونکي اوهان جي ڏاڍي سڪ لڳي هئي. خدا توهان کي آندو آهي. دل چوندي هئي تہ توهان وٽ اڏامي اچان. پر آئون عورت آهيان خدا توکي خوش رکي." هوءِ لڳاتار مونکي دعائون ڏيندي رهي. منهنجو لکيل خط فرزانہ ڏانهن. هن جي پيءُ کي هٿ اچي ويو ۽ هن مون کي گهر کان جهلي ڇڏيو. ان وقت فرزانہ گهر ۾ موجود نہ هئي. ان کانپوءِ فرزانہ تي سختيون ڪيون ويون ۽ مان پورا اٺ سال هن کان جدا رهيس ۽ انهيءَ وچ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيم.

"بابا! پوءِ اوهان هن کي حاصل ڇو نہ ڪيو؟"

"ها پٽ هن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پر هن جي مائٽن انڪار ڪري ڇڏيو."

"هاڻ بابا هوءِ ڪهڙي حالن ۾ هوندي؟"

"مان هن جي خبر چار لهندو رهندو آهيان. هن جي شادي مائٽن زوريءَ ڪرائي ڇڏي. هن کي چار کن ٻار آهن ۽ گهر ۾ خوش آهي. مان بہ هن کي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان. هونئن بہ ماضي ڪنهن کان ڪٿي ٿو وسري. هوءِ بہ ٻين ماڻهن کان منهنجو پڇندي رهندي آهي. هاڻ تہ هڪ

ماڻهوء کي جيائين ته: "ڪلاب کي چنجو ته. مون کي انين سمجهي چڻ ته مري وئي آهيان."

"توهان پوء وري ڪنهن سان محبت نه ڪئي؟"

"اڄ سمجهان ٿو ته. منهنجو پٽ مونکان انٽرويو ڪري سڀ سچيون ڪرائيندا." پٽ کي ويجهو ڪندي متي تيء پڪن تي هٿ گهمائيندي چيومانس "پٽ اڄ مان توکي سڀ حقيقتون ٻڌائيندس. تون ئي ته منهنجو دنيا ۾ همدرد دوست آهين. پٽ مون محبت نه ڪئي. پر هڪ عورت مون سان محبت ڪئي، پر پوڄڻ جي حد تائين. اها هڪ بازاري عورت هئي اسان جي هن معاشري ۾ ان جي وڏي عزت ۽ احترام هو. هوء ڊاڪٽرياڻي هئي. ان وٽ زندگيء جي هر سک جا سامان هئا. ڪار. بنگلو. نوڪرياڻي ۽ پئسو وغيره. هن مونکي جسماني. ماليء ذهني طور تي خوش رکڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ لاء ڏاڍا حربا هلايا. هن وٽ مرد ڦاسائڻ جو وڏو فن هو. هوء پنهنجي هر شيء ان تي قربان ڪندي هئي، هن جي منشور ۾ هو ته مرد عورت جو اوبيڊينٽ سرونٽ هجي. مان ڪنهن سان ٿي ملان ۽ ڪنهن سان ٿي ويهان اهو ڏسي. مڙس بس خاموش رهي. هوء پنهنجي آستانن تي مونکي وٺي ويندي هئي. آخر هڪ ڏينهن هن پنهنجي اصلي منشا ٻڌائي ته توهان مون سان شادي ڪريو. مون هن کان سوچڻ جي مهلت گهري ۽ هڪ ڏينهن هن کي ٻڌايم ته مان توسان شادي نٿو ڪري سگهان. نه ئي تنهنجي ان ناجائز ناهيل ملڪيت جي ڪري آءُ هرکي پوان يا تنهنجي دوستن کي ايندي ويندي اکين سان ڏسان هرگز نه. هر گز نه. پوء پٽ ان شادي هڪ اهڙي شخص سان ڪري ڇڏي جيڪو اڄ به هن جي ڪرتوتن تي اکيون ٽمڪائيندو رهندو آهي. بهرحال. اهندي. اوجائي. اسان ڪونه اپني توڙ نڀاوڻ ڏي" ۽ اڄ به هوء ملندي آهي پر خلوص جي دائري اندر."

"وري بابا اوهان ڪنهن سان به محبت نه ڪئي؟"

"نه پٽ پوء مون سمجهيو. ته عورت ماء ۽ ڀين ڪانسواء دوکي

باز آهي. فريبي آهي ۽ مطلب پرست آهي ۽ مان پنهنجي شاعريءَ سان محبت ڪرڻ لڳس.“

”بابا! اوهان ڪي شاعريءَ ڇا ڏنو آهي. اوهان جا شاعر دوست ته اوهان جڏهن ايڪسيڊنٽ ۾ مري بچيا هئا ۽ وچو به انهن جي ڳڌجاڻين ۾ پيا ته پڇڻ ئي نه آيا؟“

ڪلندي وراڻيم ”ها پٽ اسانجا شاعر دوست واقعي سماجي طور طريقن کان ڇسا آهن. خود مان به ته شاعر آهيان. اسان لکندا آهيون ته محبتون پيدا ڪيو. پر پاڻ ۾ محبتون پيدا نه ڪندا آهيون. صرف شاعري ڪندا آهيون. پٽ مون کي شاعريءَ ٻرڪ ڏني. ڏکن ۽ سورن ۾ سات ڏنو ۽ تڪليفن ۾ مرهم جو ڪم ڪيو.“

”بابا! هاڻ ته ڪوڙ سماجي تنظيمون پيون ڳلن. اوهان پڻ سماجي تنظيمن سان وابسته آهيو. اهي ڀلا غريب ماڻهن جي ڀلي ۽ سک لاءِ ڇا ٿيون ڪن؟“

”پٽ سماجي ورڪر“ سو به وڏو بنجڻ لاءِ هوشيارپ ۽ چالاڪي کپي ته کهڙن ادارن کان ڪهڙي نموني پراجيڪٽ ٺاهي پئسه وٺجن ۽ انهن کي کپائڻ لاءِ ڪهڙا حربا هلائجن. مان ائين چوندس ته اهڙيون نام نهاد تنظيمون غريب ماڻهن کي گهٽ پر ورڪرن کي وڌيڪ فائدو ڏين ٿيون. ماڻهوءَ کي پڇي ته. پاڻ وت آهر بي پهچ ماڻهن جي مدد ڪري ۽ قوم کي سنوارڻ لاءِ جتن ڪري. آهي سچي سُٺي ڪردار جي ڳالهه. ماڻهو پاڻ پنهنجي اندر جي ڪوٺي صاف ڪري. پاڻ جيڪو رويو ۽ ڪردار دنيا ۾ ادا ڪندو. انجو ڪردار. جواري. شرابي ۽ چور وغيره جو هوندو ته اولاد تي ضرور ان جو سڌو سنئون اثر پوندو. اسان کي. پاڻ کي. اولاد کي. قوم کي ۽ ڌرتي کي سنوارڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. پٽ مون پنهنجون کهريون حقيقتون توکي ٻڌايون اهن. تون آزاد آهين. برو ڀلو سمجهي سگهين ٿو“

مُحبوب سوچ ۾ پئجي ويو ٿو.●

ڪنهن جي زندگي ناهي

"**سائين** امان موڪليو آهي تہ استاد ڪان ١٠ روپيہ وٺي اچ."

"ڇو پٽ؟" استاد جميلان جي مٿي تي هٿ گهمائيندي پڇيو. جميلان جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. استاد هن کي ١٠ روپيہ ڏنا هوء لڙڪ اگهندي روئندي رهي.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري جميلان استاد وٽ آئي ۽ ان کي چيائين. "امان موڪليو آهي تہ استاد ڪان هڪ سؤ روپيہ وٺي اچ." استاد سوچ ۾ پئجي ويو تہ سندس ماءُ مون ڏانهن پئسن لاءِ هن کي ڇو ٿي موڪلي؟ جميلان کي پنهنجي پر ۾ ٻيهاريندي پڇيو. "تنهنجي ماءُ منهنجي لاءِ ٻيو ڇا پئي چوي؟" ڪلاس جا شاگرد ۽ شاگرديائيون استاد ۽ جميلان ڏانهن نهاريندا رهيا. گوڙ پڻ ڪندا رهيا. استاد انهن کي دڙڪا ڏئي خاموش ڪرائيندو رهيو. استاد وري پڇيس.

"ها پٽ ٻڌاءِ تنهنجي ماءُ مون لاءِ ٻيو ڇا پئي چوي!"

"چوي پئي تہ جيئن توهان چوندو تيئن ڪنديس." جميلان ڪنڌ هيٺ ڪندي وراڻيو. استاد سوچ ۾ پئجي ويو. جميلان کي اُٿ ڪلاس ۾ ٻيهاري پاڻ سوچڻ لاءِ گهڙي ڪن لاءِ ٻاهر نڪري ويو. هن سوچيو. هن جي ماءُ هن کي ان ڪري ٿي موڪلي. ڇو هوء غريب آهن يا اهڙي ڪا مجبوري اٿن. پر جميلان کي ان مجبوري جي ڪهڙ خبر؟ هن کي جميلان تي رحم اچي ويو. اندر ڪلاس ۾ ايو ۽ جميلان کي

هڪ سو روپيا ڏئي روانو ڪري ڇڏيو. اهو پڻ چيائين ته بابا اها تنهنجي خرچي آهي. جميلان ان ئي اسڪول ۾ ٽيون درجو پڙهندي هئي. هوءَ بيحد سهڻي. سلڇڻي ۽ نماڻي ڇوڪري هئي. جميلان جڏهن به پئسا گهرڻ استاد ڏانهن ايندي هئي ته هيسيل هيسيل لڳندي هئي. ڇڻ ڪنهن مار ڏئي هن کي موڪليو هجي. استاد جميلان جي خاندان جي باري ۾ معلومات وٺڻ شروع ڪئي. هن کي ڪافي معلومات ملي وئي.

ٽئين ڀيري جميلان استاد وٽ جڏهن ته ڪيس هڪ خط ڏنائين. استاد خط پڙهيو.

"پيارا توهان مون تي ٿورا ڪيا آهن. اڄ رات مان پنهنجي گهر جو ٻاهريون دروازو کولي ڇڏينديس. اڇجان. جميلان کي پنج سؤ روپيه ڏيندا. تنهنجي وحيده"

"سائين پئسا ڏيوته وڃان." جميلان استاد کي ايلاز ڪرڻ لڳي.

"بابا تون هاڻ وڃ. مون وٽ هن وقت پئسا ناهن مهيني جون آخري تاريخون آهن." استاد ڪيسي مان ۱۰ روپيه ڪڍي ڏيندي چيو. "هاڻ وڃ." هو وئي هلي. پر. وري جلدي موٽي آئي. استاد کي اچي چيائين.

"پلا سائين هڪ سؤ روپيه ڏيو."

اهي لفظ جميلان اجان زبان مان ڪڍيا مس ته ٻاهران ڇوڪرو هن جي پنيان لڳو آيو. استاد کي چيائين سائين هن جو پيءُ ٻاهر بيٺو آهي. هن کي ان وري موڪليو آهي. استاد پنهنجائپ سان جميلان کان پڇيو. "ها پٽ توکي پتهين موڪليو آهي يا مائهين. مان توکي ۵۰۰ روپيه ڏيان ٿو. حقيقت سچ ٻڌاءِ!" جميلان خاموش هيٺ ڪنڌ ڪيو بيٺي رهي ۽ هن ڪنڌ مٿي ڪئي استاد طرف نهاريندي چيو.

"بابا چوندو آهي ته استاد کان پئسا وٺي اچ. هو ڏهنو ڪندو

اهي. جڏهن نشو ڪندو اٿس تہ مونکي توهان ڏانهن ۽ ٻين مائهن ڏانهن موڪليندو اهي. انڪار ڪرڻ تي سائين مونکي ڏاڍو ماريندو آهي سائين مان ڇا ڪريان." هن سڏڪا ڀرڻ شروع ڪيو ۽ روئيندو رهي. استاد هن کي اٿت ڏيندي چيو "پٽ تون نہ روء" ۽ ٥٠ روپيہ ڏيندي چيائينس هي وٺ هاڻ تہ توکي تنهنجو پيءُ ڪونہ ماريندو ۽ هوء هلي وئي.

استاد سڄي روئداد اسڪول جي هيڊ ماستر کي اڪيلائي ۾ ٻڌائي. هيڊ ماستر کلندي استاد کي چيو. "بابا تون خوشقسمت آهين جوڪريءَ جي ماءَ ڏاڍي سهڻي آهي. ان کي مڙس هلائيندو آهي. هوء نهايت شريف عورت هئي. هن کي هن جو مڙس هڪ درگاهہ تي وٺي ويو هو. اتي هن هڪ وڏيري کي بہ اچڻ لاءِ چيو. هن کي هڪ جاءِ جون چابيون ڀڻ ڏنيون هيون تہ ات هلي رهجان. مان ات ايندس. هو ات گهر واريءَ کي وٺي ويو ۽ رات جو ان گهر ۾ پنهنجي گهر واريءَ کي ويهاري ٻاهران تالو هڻي ويو. وڏيري تالو کولي هن جي گهر واريءَ جي زبردستي عزت لٽي. هن ايلاز ڪيس. وڏيري چيس.... تنهنجي مڙس مون کان هڪ هزار روپيا ورتا آهن. ٿوري دير کانپوء سندس مڙس آيو ۽ زال کي خاموش رهڻ لاء چيائين ۽ هوءَ هاڻ چڙ نهي وئي آهي. خاموش رهڻ تي. اولاد جي مجبوري لاءِ. هن کي بہ ڏيڍر هڪ پٽ آهي. استاد ماڻهو کي معاشرو ئي ٿو خراب ڪري. جميلان جو پيءُ سنو ٽريڪٽر ناهڻ جو مستري هو. روزانو هزار کان مٿي ڪمائيندو هو. پر بري صحبت ۽ وڏيرن هن کي نشي تي هيرائي زندگي تباهہ ڪئي آهي. هو پنهنجي عزت جو خيال ئي نٿو رکي. مون ڏي پڻ ڪافي ڏينهن ٿيندا. جميلان کي موڪليو هئائين. پر مونکي سندس پرڪارن جي خبر هئي جو تہ اٿون هتان جو آهيان. جميلان کي چيم توکي پي ٿو موڪلي ائنده نہ ايندي ڪر ۽ وري هوء مون ڏانهن نہ آئي اهي. توکي بني ٻارو آهي. جوان آهين. شوقين مڙس سمجهي جميلان جو پيءُ توڏي هن کي موڪلي ٿو. ان ڪري ئي زال جا بهانا ڪري توکان پئسا ٿو ڪڍي."

استاد کهر وجي سوچيو. ماڻهوء کي زندگي ۾ نشو ڪيڏو نہ بي غيرت ٿو بنائي ڇڏي ۽ ڪيترين نہ معصوم زندگين برباد ٿيون ٿين. نشي کي روڪڻ لاء حڪومت جون ڪوششون بہ رائگان آهن. پر هوء خود سنجيده ڪوشــون نٿي وٺي. اسانکي فرد. فرد. ٿي ان لاء ڪم ڪرڻو پوندو. استاد پڪو پهہ ڪيو تہ. جميلان جي پيءُ کي نشي ڇڏرائڻ لاء مان سڄي دل سان ڪوشش ڪندس ۽ هو هيڊ ماسٽر سان مليو. جميلان جي مائٽن کي راضي ڪري جميلان جي پيءُ کي علاج واسطي ڪراچي وٺي ويو ۽ ان جي پاڻ ســار ســنيــال ڪندو رهيـو ۽ جميلان جو پيءُ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ڪراچيء مان آيو ۽ ساڳيو مستري وارو ڌنڌو ڪندو رهيو ۽ نشو هميشہ لاء ڇڏي ڏنائين. اولاد کي پڙهايو ۽ اڄ جميــلان ڊاڪٽرياڻي آهي ۽ هن جي ڀيڻ ۽ ڀاءُ سٺن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ پڙهن پيا. ۽ ساڳي جميلان پوڙهي پيءُ ۽ ماءُ جي خدمت ڪندي رهي ٿي ۽ هن جو مقصد آهي پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي سٺي عهدي تي پهچائڻ ۽ استاد پنهنجي ڪيل چڱائي تي ڪنڌ اوچو ڪري گهمندو آهي. ●

سورن جي ڪهاڻي

'پيارا راشد! منهنجي سورن جي ڪهاڻي ٻڌيَ ڇا ڪندين؟ منهنجي گذريل زندگي ڏاڍي اونداهي گذري اهي. هر پل، هر لمحو، وڪريل وڪريل بسر ٿيو آهي. مون ۾ همت ئي نه هئي جو اهڙن ظلمن جو مقابلو ڪري سگهان يا پنهنجي ڳالهه مڃائي سگهان. اها سگهه، اها همت ۽ جرئتمندي تو ۽ منهنجي نندڻ جي سهيليءَ مون ۾ پيدا ڪئي.

منهنجي سورن جي ڪهاڻي ٻڌ: منهنجي شادي انهن درجي ۾ مائٽن هڪ مائٽ سان ڪرائي ڇڏي. هو مون سان ڪافي عرصو نيڪ ناڪ هليو. مان ٻڻ انهيءَ زندگيءَ مان خوش هيس. اسڪول به ويندي هيس. هڪ ڏينهن امان جي گهر ويس. هن ٻڌايو ته تنهنجو مڙس هتي آيو هو. ٻاهريون دروازو بند ڪري مون ۾ هٿ وڌائين. مون ان کي چيو. ته "توکي شرم نٿو اچي؟ ته مان تنهنجي ڇا ٿيان؟ سس ماءُ جي برابر آهي. ٻوءِ به هو نه ٻيو مڙي. مٿي ماڙيءَ تي چڙهي، ڏاڪڻ جو دروازو بند ڪري جان ڇڏايم. ن جو خيال ڪجائين. هو نيڪ ماڻهو ڪونهي." برمان هن جي قرب ۾ اينرو ته قابو ٿي چُڪي هيس جو امان جي ڳالهه تي به توجهه نه ڏنم. مون پنهنجي مڙس کان پڇيو "تو امان سان اهڙو سلوڪ ڇو ڪيو؟" هن چيو "اها ڪوڙ ٿي هڻي" ۽ قرآن تي نکو. پڪو ٿي ويو ۽ مان خاموش ٿي ويس.

هو ڪهمڻ جي بهاني مون کي ۽ پنهنجي جوان ڀيڻ کي ڪراچي

وٺي ويو. اتي سندس دوست صوبيدار رهندو هو. رات جو اسان ٻئي زال مڙس هڪ کٽ تي ۽ سندس پيءُ ٻئي کٽ تي ستي ۽ صوبيدار اندر ڪمري ۾ ستو. اڌ رات جو مان اٿيس ڏٺم ته هوءَ کٽ تي نه هئي. مون مڙس کي چيو. ته "تو واري پيءُ ڪاڏي وئي"؟ هن مونکي ڪاوڙ ۾ چيو. ته "چپ ڪري سمهي پئو." صبح جو ڏٺم ته اها صوبيدار واري ڪمري مان ٻاهر نڪتي. هن کان پڇيم ته "اهو تو ڇا ڪيو؟" هن چيو ته "منهنجو هو دوست آهي ۽ ادا کي پڻ خبر آهي." ڪجهه ڏينهن اتي رهي. اسان واپس ڳوٺ آياسين.

مهيني ڪانپوءِ هو (منهنجو مڙس) مونکي وري اڪيلو ڪراچيءِ وٺي هليو. ته تنهنجو اتان علاج ٿو ڪرايان. ڇو ته مون کي اڪثر سنڌن ۾ سور رهندو هو ۽ ڪمزور پڻ هيس. هو هڪ رات ڪراچيءِ ۾ رهي هليو ويو ۽ چئي ويو ته منهنجو دوست تنهنجو علاج ڪرائيندو ۽ مان سڀائي شام موٽي ايندس. صبح جو هن جو دوست "صوبيدار" مونکي ڊاڪٽر وٽ وٺي هليو. ڊاڪٽر دوائون لکي ڏنيون ۽ هو اسٽور تان وٺي آيو. رات جو چار گوريون هڪ ئي ٽائيم تي کائڻ لاءِ ڏنائين ۽ مون اهي چارئي گوريون کاڌيون. مونکي سڄي رات سڄاڳي نه ٿي ۽ منجهند جو اُٿيس. مونکي اها سڌ ئي نه هئي ته ڪي اهي نشي جون گوريون هيون. ٻيءَ رات مون گوريون نه کاڌيون ۽ منهنجو مڙس به نه آيو. رات جو صوبيدار منهنجي کٽ تي اچي ستو ۽ مون سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ لڳو. مان اٿي ويهي رهيس. چيومانس ته "هي تون ڇا ٿو ڪرين شرم نٿو اچئي؟ مان تنهنجي دوست جي زال اهيان. هو تو وٽ مونکي امانت ڇڏي ويو آهي." هن چيو ته تنهنجو مڙس مون کان پئسا وٺي ويو آهي ۽ سڄي رات مان توسان ستو هئس ۽ تنهنجي جسم سان کيڏيو هئس هاڻي وري لڄ ٿي ڪرين. اهو ٻڌي منهنجا ڇهه ڇڄي پيا. کٽ تان ناتي پيشاب جي بهاني اٿيس ۽ ٻئي ڪمري ۾ اندران دروازو بند ڪري ويهي رهيس. هن ڏاڍو دروازو کڙڪايو ۽ دڙڪا ڏنا. مون هن

کي جيئو تہ مان رزيون کنديس ۽ هو خاموش ٿي وڃي سمهي پيو. سوچيم تہ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ منهنجو مڙس سياڻي لائي اچي لائي نہ. مان هنان ڪيئن نڪرنديس. مونکي عزت لٽجڻ جو ڏاڍو ڏک هو. هونئن بہ مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. صبح جو منهنجو مڙس اچي ويو ۽ صوبيدار ڊيوٽيءَ تي هليو ويو. مون دروازو کوليو مڙس کي صوبيدار جي باري ۾ ٻڌايم. ڏٺم تہ هن جي چهري تي ڪوبہ غيرت جو تاثر نہ اڀريو. ورندو مونکي دڙڪا ڏنائين ۽ چيائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ ڪندينءَ تہ تنهنجي مائٽن کي ٻڌائيندس تہ هيءَ اُن سان پاڻ ملي اهي ۽ اُن کان پئسا ورتا اٿائين. مان خاموش رهيس ۽ ڪوٽ پهتاسين.

ڪوٽ ۾ مائٽن کان جدا جڳهہ وٺي رهڻ لڳو. جيڪا مسواڙ تي هئي. پهرين رات اتي هڪ غيرمرد وٺي آيو ۽ مونکي چيائين تہ تون اندر ڪمري ۾ وڃ.مون هن کان پئسا ورتا اهن. مون انڪار ڪيو ۽ هن مونکي مارڻ شروع ڪيو. ڏاڍو ماريائين. اُن مرد کي چيائين تہ هن کي اندر وٺي وڃ ۽ ٻنهي ڪهلي مونکي ڪمري ۾ ڪيو. مون ڏاڍو احتجاج ڪيو. پر اُن مرد منهنجي عزت لٽي. پوءِ هر رات هو ڪونہ ڪو مرد کهر اٿيندو هو. مان هنجي مار کان ڪنبڻ لڳيس ۽ چپ رهيس. مونکي پيٽ بہ ٿي ويو. امان جي کهر هو مونکي نہ ڇڏيندو هو. اُن وچ ۾ مون مئٽرڪ پاس ڪري ورتي. اسڪول پاڻ ڇڏي ايندو هو ۽ وٺي ويندو هو. چوندو هو تہ تون نوڪريءَ ۾ ٿينديءَ تہ ماڻهو تنهنجو منهہ وڏيڪ ڏيندا.

ڏيڍ ڇائي مهيني کن ڪانپوءِ اها بہ مري وئي. مون کي ٽي. بي ٿي وئي. اڪثر بيمار رهڻ لڳيس. اوهان بہ اُن بهاني سان مون وٽ آيا. مونکي اُن ڪڏي ڪم ڇڏڻ لاءِ زور پريو. اهو پڻ سمجهايو تہ تون مئٽرڪ پاس اهين. ڪا نوڪري ڪري سگهين ٿي. تون همت ڪر. مان توسان ڪڏ اهيان. مونکي حيرت ٿي. اوهان سڄي رات مون کي ڪجهہ بہ نہ ڪيو ۽ ورندو مونکي همٿائيندا رهيا. مون توکي ٻنهجو ڏنو غلط

ٻڌايو هو. مون تو متعلق سوچڻ شروع ڪيو. هي ڪهڙو مرد هو جو. ٻئسا ٻه منهنجي مڙس کي ڏٺي ويو ۽ ڪجهه ٻه نه ڪيائين. ٻئسا مردن کان منهنجو مڙس ونندو هو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هڪ مرد روز ايندو هو. منهنجي مڙس کي چوندو هو ته ٻيو ڪوبه مون ڪانسواءِ تنهنجي گهر نه اچي. جيڪو چوندين اهو مان توکي خرچ ڏيندس. اهو زميندار هو ۽ پوڙهو هو. ٻوءِ ٻه ڏينهن جو هو ڪونه ڪو مرد گهر آڻيندو هو. هڪ ٻيري خبر اٿئي ڇا ٿيو؟ جو ان پوڙهي مرد چيو ته تنهنجي پسند جا ڪپڙا ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا زيور پهريندينءَ وغيره وغيره. اهو پڻ چيائين ته ٽن ڏينهن کانپوءِ ٻانڻ هتان هلنداسين. تنهنجي مڙس مون کان ٽيهه هزار روپيا ورتا آهن ۽ مونکي تون ڏاڍي وڻين ٿي. منهنجي ساراهه واسطي. وڏا وڏا ڊائلاگ هڻندو رهيو. هو ٻيءَ رات جي اچڻ جو چئي هليو ويو.

مون سوچيو ته هاڻي ڇا ڪريان. اوهان جون ڳالهيون ٻه ذهن ۾ هيون. مونکي هڪ ترڪيب ياد اچي وئي ته پنهنجي نندڻ جي سهيليءَ کان صلاح پڇان. ان سهيليءَ جي گهر ويس. ڪيس منڊ کان وٺي پڄاڙيءَ تائين سڄي روئيداد ٻڌايم. هوءَ عجب ۾ پئجي وئي ۽ مونکي چيائين ته ايتري وقت ڪڍڻ کانپوءِ ممتاز مون وٽ آئي آهين. بهرحال ان سهيليءَ مون کي خوب ڦٽڪار ڪئي ۽ مون ٻه پنهنجون مجبوريون هن کي ٻڌايون. ته مان الائي ڇو هن کان ڊڄڻ لڳي هئس ۽ هن سان هر حال ۾ ها ۾ ها ملايم. منهنجي سهيليءَ مون کي اٿت ڏني. هوءَ همت واري ۽ بردبار ڇوڪري هئي. هن چيو ته تنهنجي مائٽن سان مان ٿي ڳالهايان. انهيءَ ۾ تنهنجو قصور نه آهي. منهنجي والدين کي ان روئيداد جي ڄاڻ منهنجي سهيليءَ ڏني. امان ناراض ٿي ته مون ممتاز کي اڳ چيو هو ته ڇوري مڙس جو خيال ڪجانءِ هن مون ۾ هٿ وڌا آهن. ڪيس جڏي ڏي. پر هيءَ نه مڙي.

بابا بہ ان ڳالهه تي ناراض ٿيو. پر مان ٻه هن کي راضي ڪري ورتو. فيصلو اهو ڪيوسين ته هاڻي هن جي گهر ناهي وڃڻو ۽ طلاق وٺڻي

اهي. منهنجو مڙس منهنجي والدين جي گهر آيو. هن کي طلاق وٺڻ جي خبر پئجي وئي. هن منهنجي والدين کي چيو تہ ممتاز خود خراب آهي. هوء هڪ مرد سان پڇي وڃي رهي هئي ۽ طرحين طرحين جا غلط الزام هنيائين. پر منهنجي طلاق ٿي وئي. ڪراچيء وارو صوبيدار اسان جي گهر آيو ۽ منهنجي والدين کان منهنجو سڱ گهريائين. مونکي هن جي ڪرتوتن جي خبر هئي ۽ مائٽن کي چيم تہ انهيء سان شادي نہ ڪنديس. مان گهر ۾ سلائي جو ڪم ڪري گذر ڪندي رهيس ۽ بابي وارن تي بار نہ بڻيس. اوهان بہ منهنجي گهر آيا. ڏٺم تہ اوهان پڻ طلاق وٺڻ مان ڏاڍا خوش نظر آيا. مونکي اوهان جي شخصيت متاثر ڪيو. مون سمجهيو تہ اوهان منهنجا همدرد ۽ سٺا ساٿي ثابت ٿي سگهو ٿا. مون محنت ڪري مئٽرڪ ڪيو ۽ پرائمري ماستري ورتي. اڄ ماشاءالله اسڪول ۾ هيڊ ماستريائي آهيان. ڪافي رشتا منهنجي مائٽيء لاءِ آيا. پر مون سوچي ڇڏيو هو تہ شادي نہ ڪنديس. هونء بہ مان ڪنهن جي قابل نہ رهي هيس. پيارا منهنجي زندگي ڏاڍي خراب گذري آهي. منهنجي زندگي جي تصوير تنهنجي آڏو آهي. پيارا اڃا تون چاهين ٿو تہ مان توسان شادي ڪريان."

"ها ممتاز مونکي خوشي اها ٿي آهي جو تون ڏاڍي ڏڪويل آهين ۽ هاڻ تون حقيقت پسند ٿي وئي آهين. تنهنجو ماضي ڇا هو. ان سان منهنجو ڪوبہ واسطو نہ آهي. تون سچار آهين. مان تنهنجا گذريل سڀ ڏک دور ڪندس. ايتريون حقيقتون ٻڌڻ کان پوء بہ مان توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. هاڻي تون بي داغ آهين. مون سوچيو آهي تہ تون ئي منهنجي زندگي بدلائي سگهين ٿي."

ممتاز ڪان خوشيء جا لڙڪ ڪري پيون ٿا ۽ راشد هن جا لڙڪ ڪهي ٿو.○

فريبي روپ

کهنٽيءَ جو آواز،
پٽيوالي جو اچڻ،
ثريا کي سڏي اچ،
ثريا جو اچڻ.
جي سر!!
رات مشاعري ۾ هلئو آ؟

مشاعرو شروع ٿو ٿئي.
سڀ شاعر ويٺا آهن،
ثريا جو تعارف ڪرائي ٿو. ڪهاڻيڪاره جي حيثيت سان.
ثريا هن جي سيڪريٽري جا ڊاري آهي.
ڪهاڻيون پاڻ لکي، ثريا نالي ڇپرائي ٿو.
هن جو شمار،
وڏن اديبن ۽ شاعرن ۾.
اڌڙوٽ، پاڻ کي جوان رکي ٿو.
پاڻ وڏو آفيسر.
پيجارو، بنگلو ۽ پئسو جام،
سيڪريٽري نوجوان، خوبصورت ۽ سمارٽ.
سندس ڏوهٽيون، پوٽيون پرڻيل.
زال ٻه، پيار جي شادي.

ثريا کي، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ متعارف ڪرائي ٿو. ثريا کي پنهنجي محبت جو يقين ڏياري ٿو.

ثريا خوش آهي.

هوءَ فخر ٿي ڪري.

پنهنجي حسن، جوانيءَ ۽ نخري تي، آفيسر کي پنهنجي مائٽن وٽ وٺي وڃي ٿي، مائٽ ان جي ڪارنامي تي ٻهڪن ٿا.

هوءَ مائٽن سامهون، هن جون نيڪيون ڪري ٿي.

هو هُنن کي آفيسراڻي ڏک ڏئي ٿو.

انهن کي ڪوڙ پئسا ۽ سوکڙيون ڏئي ٿو هڪ گڏجاڻي،

صحافي،

سائين! اوهان وڏا اديب آهيو، سماجي ورڪر آهيو،

اوهان جي نظر ۾ عورت؟

هڪ سوال.

مُرڪي ٿو! انقلابي بنائڻ،

انهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ،

اڳتي وڌائڻ لاءِ اُڪسائڻ.

اڄ ڪلهه جي عورت مضبوط آهي.

سيڪريٽريءَ ڏانهن ڏسي، مُرڪي جواب ڏئي ٿو.

زال بيمار!

هُو ثريا سان گڏ، اسپتال وڃي ٿو.

زال هن کان پڇي ٿي،

هيءَ ڇوڪري ڪير آهي؟
منهنجي سيڪريٽري آهي.
پر توسان گڏ هو؟
بس!! (شڪي ٿئي ٿو)
هُوءَ سيڪجهہ سمجهي وچي ٿي.

۽ ڪجهہ عرصي بعد هو ثريا سان شادي ڪري ٿو.
اڳين ڪهرواري ڳوٺ.
هو شهر ۾.
ثريا آفيسر کي سڃو ڪري ڇڏي ٿي.
ٻئي آفيسر ۾ دلچسپي وٺي ٿي.
هو هارايل جواري،
خاموش.
اڳئينءَ زال ۽ پٽ جو اچڻ،
ثريا ويئل.
بابا!، اوهان تہ وڏيون ڳالهيون لکندا آهيون، تقريرن ۾ معاشري کي سڌارڻ جون پٽاڪون هڻندا آهيون،
ظلمن کي ختم ڪرڻ جي هام هڻندا آهيو،
پوءِ اسان تي ظلم ڇو؟
سوال
ڪاڏي ويا منهنجا ۽ منهنجي ماءُ جا حق؟؟

زال ڳالهائي ٿي.
اوهان وڏا اديب ۽ شاعر آهيو.
مون سان فريب ڪري تو شادي ڪئي، وري هن!! (ثريا ڏي

اشارو ڪندي) ڪي ڦاسايو اٿئي!!
اوهان لڪندا هڪ آهيو،
ڪندا پيو آهي.
اوهان وڏا دلا ۽ فريبي آهيو.
هوء سخت ڪاوڙيل.
منهنجو پٽ جوان آهي،
مونکي ڪا به پرواهه نه آهي.

ثريا پٽي آفيسر سان،
۽ هميشه گڏ.
هوا ڪيلو،
سچو!
سوچي تو.
هاڻ وري ڪهڙا ڪوڙ لڪان.
ڪُوڙ آخر ڪوڙ آهي.
پنهنجين لڪنين ۾، آخر ڪيترو،
ماڻهن کي فريب ڏيندا سين.
جڏهن ته اسان،
پاڻ سان به سچا نه آهيون.
اسان جي افعالن جي،
الهن کي سڀ خبر آهي.
ذهن تي زور ڏئي تو!!
فيصلو ڪري تو،
پنهنجا آخر پنهنجا آهن.

سچائي اشاعت گهر طرفان شايع ٿيل بهترين ڪهاڻيڪارن جا
بهترين ڪهاڻي ڪتاب

---

1. سرحدن کان اڳتي
ضراب حيدر
قيمت: =/110 روپيا

2. ٽين اڪ
طارق قريشي
قيمت: =/70 روپيا

3. ڪو ڪو جيون سواليا نشان
ناهيد مغل
قمت: =/30 روبيا

4. ڪارو پاڻي
محمد انور بلوچ
قيمت: =/80 روپيا

5. دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري
ذوالفقار ڪانڌڙو
قيمت: =/35 روپيا

6. دل ڪليسا جي اڪيلي ڪنڊ آهي
مراد قريشي
قيمت: =/80 روپيا

7. وري ورندو واءُ
غلام نبي ناشاد
قيمت: =/60 روپيا

نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيندڙ ڪتاب

ڏکڻ آفريڪا جي صدر ۽ آزادي جي سورمي

نيلسن منڊيلا جي آتم ڪهاڻي

Long walk to freedom

جو سنڌي ترجمو

نيلسن منڊيلا جي ڪهاڻي

مترجم: يوسف سنڌي

ڊيمي سائيز: صفحا 500

نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيل

ٻه شاهڪار ناول

بُکَ

ليکڪ: نٽ همسن

مترجم: يوسف سنڌي

قيمت: =/50 روپيا

****

اسپارٽيڪس

ليکڪ: هاورڊ فاسٽ

مترجم: پرويز

قيمت: =/150 روپيا

سچائي اشاعت گهر جا شايع ٿيل ڪتاب

1. هوشوءَ سنڌي هام	مرتب: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
2. جي هانءَ نہ هارين	30 مختلف ليکڪ	(ختم ٿيل)
3. تنهنجا تير تفنگ	مرتب: رجب علي ميمڻ	(ختم ٿيل)
4. بک، عشق ۽ آزادي	مترجم: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
5. منهنجي زندگيءَ ۽ جدوجهد	مترجم: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
6. پراڻو ڳوٺ، نئون ڳوٺ	مترجم: پرويز	(ختم ٿيل)
7. سرمد ڇا ٿو سوچي؟	غلام حسين رنگريز	(ختم ٿيل)
8. جي هينئڙي منجهہ هُرن (سفرنامون)	ڪلا پرڪاش	(ختم ٿيل)
9. جڏهن آدم آيو	گرداس واڌواڻي	20/=
10. سچ ڏکڻ مان ٿو اڀري	ڪرشنچندر	20/=
11. فلسطين، جدوجهد آزادي	مترجم: پرويز	(ختم ٿيل)
12. جن جهونا ڳڙهہ جلايو	رسول بخش پليجو	(ختم ٿيل)
13. نيڻ منهنجو نينهن (جيل ڊائري)	اعجاز خواجہ	(ختم ٿيل)
14. سنڌ، پاڪستان ڪانپوءِ	مترجم: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
15. سي سپ سانديم ساهہ سين (سفرنامو)	موتي پرڪاش	(ختم ٿيل)
16. ادب ۽ فن جي اهميت	مترجم: رسول بخش پليجو	(ختم ٿيل)
17. ڪني بساؤ ڪيئن آزاد ٿيو؟	يوسف سنڌي	20/=
18. چيني انقلاب جون ڪهاڻيون	مرتب: يوسف سنڌي	20/=
19. رت جا ڦڙا (ڪهاڻيون)	پرويز	25/=
20. جنين لوهہ لڳن ۾ (جيل ڊائري)	مترجم: يوسف سنڌي	20/=
21. پاڪستان ۾ قومي مسئلو (مقالو)	مترجم: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
22. اڄ جو آدم (ڪهاڻيون)	چار ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
23. ڪپيل هٿ (ڪهاڻيون)	محمد انور بلوچ	(ختم ٿيل)

24. ڏرتيءَ جو قرض (ڪهاڻيون)	مترجم: يوسف سنڌي		=/20
25. جبل مٿي باهڙي (ادبي خط)	نجم عباسي/يوسف سنڌي		=/45
26. بالڪ فورس ۽ پوٽ بلڊنگ (ٻارن لاءِ ناول)	طارق قريشي		=/20
27. پنجين موسم ڪانپوءِ (ڪهاڻيون)	طارق قريشي		(ختم ٿيل)
28. ڪڏهن بهار ايندو (ڪهاڻيون)	سوپوگيانچنداڻي		(ختم ٿيل)
29. سنجها (مخزن)	طارق قريشي/يوسف سنڌي		=/30
30. جڏهن الا اپ ۾ (شاعري)	آثم ناٿن شاهي		(ختم ٿيل)
31. ڪو ڪو جيون سواليا نشان (ڪهاڻيون)	ناهيد مغل		=/30
32. ڳالهيون ڪوٺ ڪڙن جون (جيل ڊائري)	اعجاز خواجہ		(ختم ٿيل)
33. درد ۾ امنگ دل ۾ (شاعري)	بيخود بلوچ		=/20
34. خواب ڪٽوري چنڊ (شاعري)	ساحر راهو		=/80
35. دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري (ڪهاڻيون)	ذوالفقار ڪانڌڙو		=/35
36. اي ٽرپ ٽُ آمريڪا (سفرنامون)	انور بلوچ		=/100
37. اڃايل آبشار (شاعري)	علي اظهار		=/50
38. ٽين اک (ڪهاڻيون)	طارق قريشي		=/70
39. سنجها (٢)	مرتب: يوسف سنڌي		=/45
40. سرحدن کان اڳتي (ڪهاڻيون)	ضراب حيدر		=/110
41. بيدل جو اردو ڪلام	اختر درگاهي		=/100
42. ڪارو پاڻي (ڪهاڻيون)	محمد انور بلوچ		=/70
43. آڪاش کان اڳتي (ناول)	محمد انور بلوچ		=/100
44. وري ورندو واءُ	غلام نبي ناشاد		=/60

ايندڙ ڪتاب:

1. سوچن جو سنسار (مقالا ۽ مضمون) غلام حسين رنگريز
2. دل ڪليسا جي اڪيلي ڪنڊ آهي (ڪهاڻيون) مراد قريشي
3. پاڪستان ايڪسپريس (ناول) خشونت سنگهه/يوسف سنڌي
4. اونداهيءَ ۾ سوجهرو (خاڪا) يوسف سنڌي
5. آئون بہ جيڪڏهن پڙهڻ وڃان ها (ٻاراڻي شاعري) منٺار سولنگي

